

Sindh Zara'at

# سنڌ زراعت

سيپٽمبر_آڪٽوبر 2026 | شمارو: 09_10

## سٽاءُ



| صفحو | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 03 | سيپٽمبر - آڪٽوبر جا زرعي ڪم ڪار | .1 |
| 05 | ڪٽڪ پوکڻ لاءِ اڳواٽ تياري | .2 |
| 06 | سيپٽمبر مهيني ۾ سارين جي سار سنڀال | .3 |
| 06 | ڪمند جي پوک ۽ سار سنڀال | .4 |
| 07 | ڪپهه جي گدلاڻ جا سبب ۽ صاف چونڊو | .5 |
| 08 | انب ۾ اوچتو سوڪهڙي واري بيماري ۽ ان کان بچاءُ لاءِ بنيادي سفارشون | .6 |
| 09 | ربيع جي پاڇين جون فصلوار سفارشون | .7 |
| 11 | سنڌ ۾ ڪجي جي پيداوار ۽ ٿر ۾ ڪجي جي پوک | .8 |
| 12 | سنڌ پنهنجي ڪجيءَ جي صنعت کي عالمي برآمدي طاقت ۾ ڪيئن تبديلي ڪري سگهي ٿي | .9 |
| 13 | دالين وارن فصلن جي پوک | .10 |
| 14 | برسيم جي پوک | .11 |
| 14 | لوسڻ جي پوک | .12 |
| 15 | ناميانتي پوک | .13 |
| 17 | ٽماٽي جي فصل تي حملو ڪندڙ مختلف بيماريون | .14 |
| 18 | سنڌ فارمرز ايگريڪلچرل ڪليڪٽوز ايڪٽ 2026ع جو مسودو | .15 |
| 20 | سردار محمد بخش خان مهر وزيرِ زراعت حڪومت سنڌ جي زرعي توسيع سنڌ حيدرآباد دوري بابت رپورٽ | .16 |



نگران اعليٰ
**سردار محمد بخش خان مهر**
(وزيرِ زراعت)

نگران
**محمد زمان**
سيڪريٽري
زراعت، سپلاءِ ۽ پرائيسز سنڌ

چيف ايڊيٽر
**الھ ورايو رند**
ڊائريڪٽر جنرل زرعي توسيع سنڌ

ايڊيٽر
**منير احمد ڪاڪا**
ڊائريڪٽر زرعي اطلاعات

جوائنٽ ايڊيٽرس
**فهيم قريشي**
فرحين اُچڻ

سرڪيوليشن انچارج
محسن خان سهتو

فوٽو گرافي
الطاف حسين اوڊو، جميل چانڊيو ۽ جابر لغاري

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ
علي انور لغاري

## ڊائريڪٽوريٽ زرعي اطلاعات، زرعي توسيع زراعت کاتو سنڌ

بلاڪ ايف، شهباز بلڊنگ، حيدرآباد

فون: 022-9200108, 022-9201276

Email: dai.sindhhyd@gmail.com

# پيغام

زراعت جي ترقي لاءِ جديد ڄاڻ، سائنسي طريقن ۽ بروقت معلومات تائين آبادگارن جي رسائي انتهائي ضروري آهي. موجوده دور جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ آبادگارن کي صحيح معلومات ۽ فني رهنمائي فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي.

ڊائريڪٽوريٽ زرعي اطلاعات زرعي توسيع سنڌ، آبادگارن ۽ زراعت کاتي وچ ۾ معلوماتي رابطي کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ماهوار سنڌ زراعت رسالي، ريڊيو، ٽي وي، سوشل ميڊيا، موبائل سئنيما، بروشرن ۽ ٻين ذريعن ذريعي زرعي ڄاڻ پهچائي رهيو آهي. جديد مواصلاتي ذريعن جي مدد سان ڪوشش ڪئي وڃي ٿي ته زراعت کاتي جون سرگرميون، زرعي سفارشون ۽ آبادگارن لاءِ فائديمند معلومات سولي ۽ عام فهم انداز ۾ وڌيڪ کان وڌيڪ ماڻهن تائين پهچائي وڃي.

"سنڌ زراعت" رسالو پڻ ان ئي سلسلي جي هڪ اهم ڪڙي آهي، جيڪو آبادگارن، زرعي ماهرن ۽ لاڳاپيل ماڻهن وچ ۾ معلومات جي ڏي وٺ جو ذريعو بڻجي رهيو آهي. سيپٽمبر - آڪٽوبر جو هي شمارو پڻ اهڙي مواد سان پيش ڪيو پيو وڃي، جيڪو آبادگارن جي زرعي ڄاڻ ۾ واڌارو آڻڻ سان گڏ کين جديد زرعي رجحانن ۽ خدمتن کان آگاهه ڪري ٿو.

اسان جو يقين آهي ته زرعي ترقي لاءِ صرف پيداوار ۾ واڌارو ڪافي ناهي، پر آبادگار کي ڄاڻ، مناسب رهنمائي ۽ جديد معلومات سان بااختيار بڻائڻ پڻ ضروري آهي. ڄاڻيل ۽ باخبر آبادگار ئي بهتر فيصلا ڪري سگهي ٿو ۽ بهتر فيصلا سنڌ جي زراعت کي وڌيڪ مضبوط ۽ پائيدار بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

ساڻ سلامت

**منير احمد ڪاڪا**

ڊائريڪٽر

زرعي اطلاعات سنڌ

حيدرآباد

زرعي تحقيقي ادارو
ٽنڊوڄام

# سيپٽمبر-آڪٽوبر جا زرعي ڪم ڪار

## ڪڻڪ جي پوکيءَ لاءِ زمين جي تياري:

پهريان پوکيل فصل جيئن ئي پورو /ختم ٿئي ته ڪڻڪ جي پوکي لاءِ زمين کي جلدي جلدي هَر ڏيو. برسات وارن علائقن ۾ زمين کي گهرا/ اونهار هَر ڏئي زمين کي کولي ڇڏيو. گهٽي برسات ڪانپوءِ مناسب وقفن سان زمين کي ڪلٽيويٽر جا هَر ڏيو ته جيئن گندگاهن کي ختم يا انهن تي ضابطو آڻي ۽ گهم ڪان محفوظ ڪري سگهجي. آبپاشي وارن علائقن ۾ زمين کي هَر ڏيئي گندگاهن تي ضابطو آڻي سگهجي ٿو.

## گاهن وارا فصل:

جوار مڪئي ۽ ٻاجهري وارا فصل چاري طور پوکيا وڃن. ٿنهنڪري گاهن طور ڪاهيل فصل جي پهرين ڪٽائي اگست/ سيپٽمبر ۾ ڪئي وڃي.

## تيلي ٻجن وارا فصل:

| | |
|---|---|
| جانيو Rape (Brassica Compestric ۽ توريو Mustard (Brassica Junicial) خاندان Brassicaceae | توريئي واري فصل ۾ ڇدائي ڪئي وڃي، ۽ پهريون پاڻي ڏنو وڃي. فصل جو هفتيوار جائزو ورتو وڃي. جيڪڏهن ڪنهن به جيت جو حملو/نقصان ڏنو وڃي ته حد جي ويجهي زرعي عملي سان مشورو ڪري ان تي ضابطو آندو وڃي.<br>جانيي جي پوکيءَ کي هن ئي مهيني ۾ پورو ڪيو وڃي. دير سان پوکي ڪرڻ جو نتيجو پئداوار جي گهٽ لهن جو سبب بڻبو.<br>نج ۽ تصديق ٿيل ٻج پوکڻ جي ڪري گهٽڻ مسئلن کي گهٽائي سگهجي ٿو. |

| | |
|---|---|
| ڏِر (Sesame) | تيار ٿيل فصل کي وقتائتي لاباري ڪرڻ سان ٻه ڇاٽي/ڇڻڻ جي نقصان کي گهٽائي سگهجي ٿو. لاباري ڪانپوءِ فصل کي اُس ۾ کليل آسمان هيٺان رکو ته جيئن ان کي خشڪ ڪري پوءِ ڳاهه ڪجي. دير سان پوکيل فصل کي ان جي گهرج مطابق پاڻ ڏيو. |

| | |
|---|---|
| سورج مُکي (Sunflower) | گندگاهه کي ختم ڪرڻ لاءِ گُڏ ڪيو ۽ ٻوٽي جي پاڙن ۾ مٽي چاڙهيو.<br>فصل کي گهرج مطابق پاڻي ڏيو. آڳاٽي پوکيل فصل تيار ٿيڻ/پچڻ جي مرحلي ۾ هوندو. اهڙا طريقا اختيار ڪيو جو پکين جي امڪاني حملن کان فصل جي نقصان کي گهٽائي سگهجي. |
| پواڙي (Safflower) | آڪٽوبر جي ٻئي هفتي کان فصل جي پوکي شروع ڪجي. فصل جي پوکي ناڙيءَ ذريعي ڪريو. قطار کان قطار جو فاصلو 60 سينٽي ميٽر رکو.<br>نج ۽ تصديق ٿيل ٻج جو استعمال ڪريو. |
| ٻوهي مگ / ڪاچا Groundnut | تيار ٿيل فصل ۾ ڪوٽائي/لاٻارو شروع ڪيو. ان ڪانپوءِ لاباري ڪيل فصل کي صحيح طريقي سان سڪائي خشڪ ڪيو. |
| هيرڻ (Caster) | فصل کي ان جي گهرج مطابق پاڻي ڏيو ۽ فصل جو هر هفتي جائزو وٺندا رهو. جنهن جي ڪري توهان جي پئداوار ۾ اضافو ٿيندو. |

## ڪمند جو فصل:

- ڪمند جي فصل کي ان جي گھرج مطابق پاڻي ڏيو.
- ڪمند جي سيپٽمبر واري پوکي کي جاري رکو.
- ڪڏهن به بيماريءَ ۾ جيتن ڪاڌل ٻج پوکي لاءِ استعمال نه ڪريو.
- هميشه 6-8 مهينن واري تازي فصل مان ٻج وٺو.

## ڀاڻ جو استعمال:

| فصل | خوراڪي جزا kg/ha | | |
|---|---|---|---|
| ڪمند: | نائٽروجن | فاسفورس | پوٽاش |
| ڏکڻ سنڌ/ سنڌ جا هيٺيان علائقا | 275 | 112 | 175 |
| وچولي سنڌ/ وچولا علائقا | 250 | 100 | 160 |
| اتر سنڌ/ سنڌ جا اتريان علائقا | 175 | 87 | 100 |

- فاسفورس وارو سمورو ڀاڻ ۽ نائٽروجن $^{1}/_{3}$ ۽ پوٽاش جو سمورو سفارش ڪيل ڀاڻ پوکيءَ واري ٽائيم تي ڏيڻ گھرجي.

**نوٽ:** خوراڪي جزن جا سفارش ڪيل مقدار اصل ۾ صحيح سفارش جي قابل تڏهن ٿيندا جڏهن زمين جي صحيح چڪاس ڪرائي معلوم ڪجي.

## نقصانن تي ضابطو (Pest Management):

| | |
|---|---|
| ڪپهه / ووڻٽڻ: | فصل جو معائنو روزاني جي بنياد تي ڪجي. خصوصي طور تي ميلي بگ ۽ گلابي سنڊيءَ جي امڪاني حملي کان هوشيار رهجي. ميلي بگ ۽ گلابي سنڊيءَ جي امڪاني حملي کان بچاءِ لاءِ مناسب قدم کڄجي. |
| ڪمند: | اڃي مک ۽ گھوڙيلا مک Pyrilla جي حملي جو خيال رکجي. ۽ ان تي ضابطي لاءِ حد جي زرعي ماهرن کان فصل جو معائنو ڪرائي صحيح صلاح وٺجي. |
| بصر: | روزاني جي بنياد تي فصل جو احتياط سان جائزو وٺجي. ۽ لشڪري سنڊي جي حملي جو خيال ڪجي ان سان گڏوگڏ امريڪن سنڊي، رس چوسيندڙ جيتن جي حملي جو به جائزو وٺجي. حد جي زرعي ماهر سان مشورو ڪري مناسب زرعي زهر استعمال ڪجن. |
| گوبي: | فصل جو معائنو ڪري، هيري جهڙي ڪاري مک، سائي ڪيئڻ جي حملي جي صورت ۾ هڪدم انهن تي ضابطي ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪجي. |
| ٽماٽو: | رس چوسيندڙ جيتن ۽ پن ڪتريندڙ ڪيئڻ جو احتياط سان جائزو وٺجي، خصوصي طور تي ٽماٽي جي اڇي مک، جيڪڏهن انهن جو حملو اقتصادي نقصان جي حد کان وڌيڪ هجي ته هڪدم احتياطي تدبيرون استعمال ڪجن. |
| مرچ: | مرچن تي رس چوسيندڙ جيتن ۾ خصوصي طور تي ٿرپس ۽ جوئن جي حملي کي نظر ۾ رکجي. فصل جو روزاني معائنو ڪجي، حملي جي صورت ۾ هڪدم احتياطي تدبيرون استعمال ڪجن. |

## ٻوٽن جي بيمارين تي ضابطو:

- ڪمند جي بيمارين کان بچاءَ لاءِ شروعاتي احتياطي تدبير اها ڪجي جو ڪمند جي ٻج واريون به ڪان تي اکين وارين ڳرين جا سيٽ ٽاپسن 2 گرام هڪ لٽر پاڻي ۾ ملائي، ٻج وارا سيٽ 5 منٽن تائين ان ۾ رکي پوءِ پوکي ڪجي.
- گوگڙي جي ڪني ٿيڻ واري بيماريءَ کان بچاءَ لاءِ به ڪان تي ڳڏيل اسپري اينٽراڪول يا مينڪوزيب+ميٽاليڪسل 2 گرام لٽر پاڻي ۾ ملائي ان سان گڏ ٽريسر جيت مار دوا ملائي 15 ڏينهن جي وقفي سان اسپري ڪجي.
- انب جي وڻ ۾ زخم يا پروننگ دوران ٿيل زخمن تي بورڊيوڪس مڪسچر (1.1.10) هڪ ڪلوگرام چن، هڪ ڪلوگرام ڪاپر سلفيٽ ۽ 10 لٽر پاڻي الڳ الڳ پسائي سڄي رات رکو ۽ ان کان پوءِ ان کي انهن جاٽايل مقدار پاڻي ۾ ملائي زخمن واري جڳهه تي هڻو.
- انبن جي سوٽي مولڊ بيماريءَ تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڪاپر آڪسي ڪلورائيڊ 500 گرام 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي اسپري ڪيو.
- بصرن جي نرسريءَ کي رونبي ڪرڻ کان اڳ ٻج جي بيماري کان بچاءَ لاءِ ريڊومل گولڊ Redomil Gold 2 گرام هڪ لٽر پاڻي ۾ ملائي نرسريءَ واري ٻج کي ان ۾ ٻوڙي پوءِ رونبو ڪرڻ گھرجي.

Early Cultivation of Wheat crop

# ڪڻڪ پوکڻ لاءِ اڳواٽ تياري

ڪڻڪ جو اناج انساني خوراڪ، صحت ۽ واڌ ويجهه لاءِ تمام وڏي اهميت رکي ٿو. چاڪاڻ ته انساني صحت ۽ واڌويجهه لاءِ گهربل خوراڪي عنصر ڪڻڪ ۾ موجود آهن. ان ڪري اسان کي ڪڻڪ جي اهميت کي نظر ۾ رکندي فصلن جي بهتر سارسنڀال ۽ في ايڪڙ گهٽي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ وقتائتا قدم کڻڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي. زرعي ماهرن وقت بوقت کوجنا ڪري موجوده موسمي حالتن کي نظر ۾ رکي ڪڻڪ جون نيون جنسون ايجاد ڪيون آهن جيڪي موجوده موسمي حالتن ۽ بيمارين وغيره کي منهن ڏيڻ جي وڏي سگهه رکن ٿيون گڏوگڏ انهن جنسن ۾ وڌيڪ پيداوار ڏيڻ جي صلاحيت به موجود آهي. پر اهو سڀ ڪجهه ممڪن تڏهن ٿيندو جڏهن اهي جنسون پوکڻ لاءِ زرعي ماهرن جي مشورن تي عمل ڪبو ته يقينن بهتر پيداوار حاصل ٿيندي. هونئن به جڏهن ڪو ڪم ڪار وقتائتو ۽ رٿابنديءَ سان ڪبو ته ان جا سٺا نتيجا نڪرندا. اڪثر ڏٺو ويو آهي ته سٺا زميندار به ڪڻڪ پوکڻ ۾ لاپرواهي ڪندا آهن ۽ پنهنجي فصل مان سٺي پيداوار حاصل ڪري نه سگهندا آهن.

قدرت فصل مان سٺي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ لاتعداد نعمتون عطا ڪيون آهن انهن مان صحيح فائدو وٺڻ ۽ رٿابندي سان ڪم ڪرڻ اسان جي ذميداري آهي. ڪڻڪ جي فصل پوکڻ کان لاباري تائين جيڪي گهربل عمل ۽ ڪم ڪاريون آهن جهڙوڪ: زمين جي تياري، ٻج ۽ ڪيميائي ڀاڻ جي وقت سر دستيابي ۽ گاهه مار دوائون وغيره جي اڳواٽ بندوبست ڪرڻ سٺي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي. ان کان علاوه پوکيءَ لاءِ طئي ڪيل ايراضي جو ضروري خرچ پکي جو اڳواٽ بندوبست ڪرڻ به لازمي آهي.

ان ڪري آبادگارن کي صلاح ٿي ڏجي ته ڪڻڪ جي وقتائتي پوک لاءِ هيٺ ڏنل ڪم ڪارين جو اڳواٽ بندوبست ڪن ته جيئن ڪڻڪ مان ڪين سٺي پيداوار حاصل ٿئي.

**زمين جي اڳواٽ تياري:** ڪڻڪ پوکڻ لاءِ خالي پيل زمين جي اڳواٽ تياري ڪجي. زمين کي سُڪي جا اونها هر ڏيئي اٿلائجي ته جيئن اُس وٺي، جيت ۽ بيماريون وغيره ختم ٿي وڃن. سانوڻي جي برساتن ڪانپوءِ زمين کي هڪدم هر ڏجن ته جيئن زمين ڏيل نه رهي، هوا ۽ اُس وٺندي رهي. اهڙي طرح زمين مان غير ضروري گندگاهه، بيماريون ۽ جيت وغيره ختم ٿي ويندا ۽ زمين به طاقتور ٿي پوندي. اسان جي زمينن ۾ اڪثر ڪري نامياتي مادي جي کوٽ آهي ان جي پورائي لاءِ وٿاڻ جو ڀاڻ وجهي هرن ذريعي زمين ۾ ملائجي ٻي صورت ۾ سائي ڀاڻ وارا فصل جهڙوڪ: جنتر ۽ گوار وغيره پوکي تيار ڪري گوبل ۽ روٽاويٽر هر ذريعي زمين ۾ ملائي ڇڏجي ته جيئن زمين جي صحت سٺي ٿئي ۽ زرخيزي به بحال رهي. ان کان پوءِ زمين کي هر ڏيئي ليزر ذريعي سٺي ليول ڪجي. خالي پيل زمين اڳواٽ تيار ڪرڻ سان زمين به سٺي نهندي ۽ ٽريڪٽر لاءِ ڊيزل جو هر مهيني وڌندڙ ريٽ واري خرچ جو به بچاءُ ٿيندو. وونئڻن واري زمين جيئن ئي خالي ٿئي ته خوب هر ڏئي تيار ڪري ونجي. وونئڻن جون جلد تيار ٿيڻ واريون جنسون پوکڻ سان زمين آڪٽوبر جي پهرين هفتي ۾ خالي ٿي وڃي ٿي. ان زمين کي خوب اونها هر ڏيئي گندگاهه ختم ڪري ليزر ذريعي ليول ڪري ڪڻڪ جي پوکي لاءِ تيار ڪجي.

**ٻج جو اڳواٽ بندوبست ڪرڻ:** ڪڻڪ مان سٺي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ تصديق ٿيل نج ٻج جو هجڻ تمام ضروري آهي. تصديق ٿيل نج ٻج ڪنهن سرڪاري اداري، سٺي زميندار يا وري پنهنجي فصل مان رکيل ڪنهن سٺي جنس جو ٻج پوکيءَ لاءِ ڪم آڻجي. ڪڻڪ جي مند اچڻ تي تڙ تڪڙ ۾ بازار مان ٻج وٺي پوکبو ته اهو سٺو نه هوندو بازار مان ورتل ٻج سٺو ٻج ڪونه هوندو پر اها ڪڻڪ ئي هوندي جيڪا پوکڻ کان پوءِ مختلف جنسون ۽ گندگاهه ڦٽي نڪرندا. ان ڪري ڪڻڪ پوکڻ کان اڳواٽ تصديق ٿيل سٺي ٻج جو بندوبست ڪرڻ گهرجي ته جيئن پوءِ غير معياري ۽ مهانگو ٻج پلئه نه پوي.

**ڪيميائي ڀاڻ جو بندوبست ڪرڻ:** ڪڻڪ جي فصل لاءِ گهربل ڪيميائي ڀاڻ جو اڳواٽ بندوبست ڪرڻ گهرجي. بهتر اهو ٿيندو ته زمين جي اڳواٽ چڪاس ڪرائي ان مطابق ڀاڻ جو بندوبست ڪري رکجي ڪڻڪ پوکڻ کانپوءِ ڀاڻن جا اگهه روز بروز وڌندا ويندا آهن ڪارخانيدار ۽ واپارين جي ملي ڀڳت ڪري ۽ اگهن تي ضابطو نه هجڻ ڪري زميندارن کي اضافي خرچ پرڻا پوندا آهن. ان ڪري ڪيميائي ڀاڻ جو اڳواٽ بندوبست ڪجي ته جيئن ڪڻڪ پوکڻ وقت پريشاني نه ٿئي.

اهڙيءَ طرح ڪڻڪ پوکڻ لاءِ ايراضي طئي ڪرڻ، پاڻي جو بندوبست ۽ ڪڻڪ پوکڻ لاءِ زمين جي تياري کان فصل جي لاباري تائين ضروري خرچ پکي جو رٿابندي سان اڳواٽ بندوبست ڪرڻ گهرجي.

# سيپٽمبر مهيني ۾ سارين جي سار سنڀال

- ڏکڻ سنڌ ۾ سارين جو آڳاٽو فصل جيڪو پچڻ تي آهي ان فصل جو پاڻي لاباري کان 10 کان 15 ڏينهن اندر بند ڪرڻ گهرجي.
- ڏکڻ ۽ اتر سنڌ ۾ پاڇاتي فصل ۾ يوريا ڀاڻ جي پهرئين چنڊ (1st Split) پوري ڪرڻ گهرجي ۽ ڀاڻ ڏيڻ وقت ٻارن جا آواندا بند ڪرڻ گهرجن ۽ اهو ڌسڻ گهرجي ته پنن تي ماڪ ته موجود نه آهي ۽ اهو بهتر ٿيندو ته ڀاڻ سُڪي مٽيءَ سان ملائي ڏيڻ گهرجي ۽ سُڪي مٽيءَ جو مقدار ڀاڻ جي اڌ جيترو هجي.
- فصل جو چڱيءَ طرح معائنو ڪيو جيڪڏهن بوٽي جي واڌ وارو عمل رڪجي ويل هجي ۽ پن وڪوڙيل هجن. ٻوٽو ڪومايل نظر اچي ۽ پنن جون چوٽيون سڪڻ شروع ڪن ۽ پنن مٿان ڳاڙها ڪٽ جهڙا داغ نظر اچن ته سمجهڻ گهرجي ته فصل کي جست جي ضرورت آهي ۽ جست جي کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ زنڪ سلفيٽ 6 کان 10 ڪلوگرام في ايڪڙ جي حساب سان اوتري ئي سني سُڪي مٽيءَ سان ملائي فصل ۾ رونبي کان 25 کان 30 ڏينهن بعد ڇٽ ڪرڻ گهرجي.
- فصل ۾ پاڻيءَ جي سطح 3 کان 4 انچ برقرار رکڻ گهرجي.
- پاڻيءَ جي سطح برقرار رکڻ سان فصل ۾ گندگاهه وغيره نه ٿيندو.
- سارين جي فصل مان لڳاتار پاڻي نيڪال ڪرڻ صحيح نه آهي. ائين ڪرڻ سان زمين جي زرخيزيءَ تي خراب اثر پوندا ۽ گڏوگڏ سم ۽ ڪلر ۾ اضافو ٿيندو.
- سارين جي آڳاٽي فصل ۾ گڏر (Borer) يا اچي پَنيءَ وارو حملو نظر اچي ته ڪنهن سني ساک واري داڻيدار زهر استعمال ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن اڳاٽي فصل ۾ پن ويڙهي (Rice Leaf Folder) جو حملو ٿئي ته بهتر پاڻيات واري زهر جو ڦوهارو ڪرڻ گهرجي.

تجربن مان معلوم ٿيو آهي ته سارين جي فصل مان وڌيڪ في ايڪڙ پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته فصل کي گندگاهه کان آجو ڪجي ۽ گندگاهه صاف نه ڪرڻ جي صورت ۾ رونبي واري فصل ۾ 30 کان 35 سيڪڙو ۽ ڇٽ واري فصل ۾ 60 کان 70 سيڪڙو پيداوار گهٽجي وڃي ٿي. انهيءَ ڪري سارين جي فصل مان گندگاهه صاف ڪرڻ تي وڌيڪ ڌيان ڏنو وڃي.

# ڪمند جي پوک ۽ سار سنڀال

**سرءُ واري پوکي لاءِ زمين جي تياري:**

ڪمند ڍگهي وقفي وارو فصل آهي، ٻج جي پوک لاءِ زمين جي تياري اونهي ۽ سُٺي نموني سان ڪرڻ گهرجي. فصل صحيح سنوت واري زمين تي واڌ ڪري ٿو ۽ ان جو ڄمر به سنو ٿئي ٿو جيڪڏهن سائي ڀاڻ وارا فصل پوکيل هجن ته اُهو زمين ۾ پوري بعد ۾ پاڻي ڏجي.

**ٽٻين واري زمين:**

جيڪڏهن پهرين پوکيل فصل جون زمين ۾ ٽٻيون هجن ۽ اُهي سخت جان هجن ته اُنهيءَ ۾ ڊسڪ پلو هر ڏجي بعد ۾ ڊسڪ هيرئونگ گوبل وارو هر ڏجي جيڪڏهن ضرورت هجي ته زمين ۾ سنوت ڪجي. جيڪڏهن سنوت ڪئي وئي آهي ته پوءِ زمين ۾ روٽاويٽر يا ڪلٽويٽر سان هر ڏجي.

**ٽٻين بغير زمين:**

جيڪڏهن زمين ٽٻين جي واڌ کان بغير آهي ته ٻه مولڊ بولڊ بعد ۾ گوبل وارو ڊسڪ هارو ڏجي. جيڪڏهن ضروري هجي ته زمين ۾ سنوت ڪئي وئي آهي ته زمين ۾ روٽاويٽر يا ڪلٽيويٽر سان هر ڏجي.

**خالي موسم ۾ اڳوات تيار ڪيل زمين:**

جيڪڏهن زمين خالي موسم دوران تيار ڪئي وئي آهي ته اُن جو دارومدار زمين جي حالت تي هڪ روٽاويٽر يا گوبل ڪلٽيويٽر ڏيڻ گهرجي.

**ٻج جي چونڊ:**

ڪمند جي ٻج جي چونڊ صحتمند ۽ بيماريءَ کان پاڪ ڪجي، نوجوان فصل سنو ٻج مهيا ڪندو اُن لاءِ بهار واري پوکيل فصل مان ٻج وٺڻ گهرجي. منڍي فصل مان ٻج ڪڍهن به نه وٺجي، پوک هن مهيني جي آخري هفتي ۾ شروع ڪجي.

**ڪمند جو بيٺل فصل:**

ڪمند جا تي فصل مثلاً سرءُ، بهار ۽ منڍي وارو فصل تقريباً تيار تي چڪا آهن في الحال ٻيو ڪو به عمل نه ڪيو صرف هفتي جي وقفي سان فصل کي پاڻي ڏيندا رهو. جيڪڏهن برسات جو امڪان آهي ته پاڻي ڏيڻ روڪي ڇڏيو جيڪڏهن پاڻي ڏيڻ ڪانپوءِ يڪدم برسات پوي ته پوءِ 24 ڪلاڪ اندر بيٺل پاڻي جي نيڪال جو مناسب بندوبست ڪجي.

# ڪپهه جي گدلاڻ جا سبب ۽ صاف چونڊو

عالمي منڊي ۾ ڪپهه مان ٺهيل پاڪستاني مصنوعات (شين) کي ڪافي پذيرائي حاصل آهي، پر ڦٽيءَ جي چونڊي جو غلط طريقيڪار، ماهر چونڊيندڙ عورتن جي فقدان (ڪمي) ۽ ڪپهه جي اسٽوريج جي نامناسب طريقن جي ڪري ڦٽي جي معيار ۾ بتدريج ڪمي آئي آهي. نتيجن صاف شفاف ۽ گدلاڻ کان پاڪ ڪپهه گهٽ هجڻ ڪري اسان جي ٽيڪسٽائيل جي صنعت جي مسئلن ۾ اضافو ٿيو آهي. پاڪستان ۾ هٿن ذريعي ڦٽي جو چونڊو ڪيو ويندو آهي، جيڪو عورتن لاءِ ڳوٺاڻي معاشرتي ۽ آمدني جو اهم ذريعو آهي. جنهن لاءِ هنن کي معاوضو وزن جي حساب سان ملندو آهي، تنهن ڪري وڌيڪ ڦٽي چونڊي وزن ۾ اضافو ڪرڻ جي چڪر ۾ عورتن کان غلطيون ٿين ٿيون. جنهن لاءِ گدلاڻ واري ڦٽي ۾ اضافو ٿيو وڃي.

## ڪپهه جي گدلاڻ ڇا آهي ؟

ڪپهه جي گدلاڻ مان مراد ڪپهه کان علاوه باقي شيون جيڪي ڦٽي جي چونڊي کان ان جي رسد ۽ ذخيري ڪرڻ تائين ان ۾ شامل ٿي وڃن ان کي ڪپهه جي گدلاڻ سڏيو ويندو آهي. ان گدلاڻ ۾ جيوت، سُوتلي، پلاسٽڪ جون ٿيلهيون، انسان ۽ جانورن جا وار، پکين جا کنڀ، مختلف ربيڙ، پولي پروپيلين، ڪَتي جا ڌاڳا، ڪپهه جي ٻوٽي جون شاخون، سُڪل پن ڪچا يا اڌپورا ڪليل گوگڙا ۽ ڪاغذ وغيره شامل آهن.

انهن شين جي ڪري ڪپهه جي معيار (Quality) تي بُرو اثر پوندو آهي. جنهن جي ڪري ڪپهه جي برآمد (Export) متاثر ٿيندي آهي، تقريباً هر سال پاڪستان کي 4 کان 4.1 ملين ڊالرز جو نقصان ٿئي ٿو. اهڙي طرح پاڪستان جو شمار اهڙن چند ملڪن ۾ اچي ٿو جتي ڪپهه ۾ گدلاڻ جو تناسب وڌ ۾ وڌ آهي.

## ڪپهه جي غلاظت/گدلاڻ جا ذريعا:

پاڪستان ۾ ڪپهه جو چونڊو تقريباً عورتون ڪنديون آهن. انهن جي مناسب تربيت نه ڪرائڻ ئي ڪپهه جي گدلاڻ جو سڀ کان وڏو ذريعو آهي.

- ڪپهه جي چونڊي جو اجورو وزن جي مناسبت سان ادا ڪيو ويندو آهي، وزن وڌائڻ خاطر مزدور ٻيون شيون (سڪل گوگڙا، ڏانڊيون پاٽي وغيره) ملائي ڇڏيندا آهن. ٻيو ته عورتون پرهه ڦٽي مهل چونڊو ڪنديون آهن، ان وقت نمي (گهم) وڌيڪ هوندي آهي.
- ڦٽي جي چونڊي ڪانپوءِ جننگ فيڪٽري يا اسٽور تائين منتقلي لاءِ ان ڳالهه جو خاص خيال رکيو وڃي ته سوتي ڪپڙي جو استعمال ڪيو وڃي.
- پوليٿلين/پولي پروپلين ۽ پلاسٽڪ جي ٻوري يا ڪيميائي ياڻ وارو باردانو هرگز استعمال نه ڪيو وڃي.

## ڦٽي جي چونڊي جو مناسب وقت:

ڦٽي جو چونڊو ان وقت شروع ڪيو وڃي، جڏهن تقريباً 40 کان 50 سيڪڙو گوگڙا کلي وڃن، ٻيو چونڊو 10 کان 15 ڏينهن جي وقفي سان ڪيو وڃي.

وونٽڻ جي فصل مٿان ماڪَ (Dew) خشڪ ٿي وڃي ته بعد ۾ صبح جو 10 وڳي کان شام 5 بجي تائين چونڊو ڪجي، ڇو ته ماڪَ (گهم) واري ڦٽيءَ کي اسٽور ڪرڻ سان سندس ڌاڳي جو رنگ به خراب ٿيندو ۽ ڪڪڙي ۾ تيل جو مقدار به گهٽ ٿيندو. دير سان چونڊو ڪرڻ ڪري به ڦٽي خراب ٿيندي.

## صاف سٿرو چونڊو ڪرڻ:

- وونٽڻ جي فصل جو چونڊو قطار ۾ هيٺين حصي کان مٿي حصي تائين شروع ڪجي، ائين ڪرڻ سان ٻوٽي جو سڪل ۽ خشڪ حصو ڪپهه ۾ شامل نه ٿيندا.
- عورتون چونڊي دوران ململ جو رئو استعمال ڪري ڦٽيءَ کي مٿانهين ۽ خشڪ جڳهه تي رکن.
- عورتون پنهنجي جهولي ۾ حد کان وڌيڪ ڦٽي گڏ ڪري نه رکن. واڌو ڦٽي زمين تي ڪرڻ ڪري خراب ٿيندي ۽ ساڳي ڦٽي واپس جهوليءَ ۾ رکڻ ڪري مٽيءَ جا ذرا ۽ ڪک ڪانا وغيره جي ملاوٽ ڪري به ڦٽيءَ جو معيار خراب ٿيندو.
- بارش کان بعد ڦٽيءَ جو چونڊو نه ڪيو وڃي.
- سوتي ڪپڙي کان علاوه ٻيو ڪوبه ڪپڙو استعمال نه ڪيو وڃي، جنهن سان معيار خراب ٿئي.
- ڳنڍيون ٺاهڻ کان پهريان ڦٽيءَ مان وار، سڪل گوگڙا، ڪيڙي ڇڏجن.

ڦٽي جو چونڊو ڊنڊ، طوفان ۽ مينهن ۾ هرگز نه ڪرڻ گهرجي.

# انب ۾ اچانڪ سوڪهڙي واري بيماري ۽ ان کان بچاءُ لاءِ بنيادي سفارشون

سُندر شام ايگريڪلچر آفيسر

جيئن ته انب ميون جو بادشاهه سڏيو ويندو آهي ۽ پاڪستان دنيا ۾ 5 نمبر تي وڏ کان وڏ انب پيدا ڪندڙ ملڪن مان هڪ آهي. انب جا باغات سنڌ ۽ پنجاب ۾ موجود آهن. سنڌ ۾ ميرپورخاص، ٽنڊو الهيار، مٽياري ۽ حيدرآباد ۾ وڏي پئماني تي موجود آهن جن ۾ ڪجهه جنسن جي ڳالهه ڪجي ته سنڌڙي، چوئنسا، لنگڙا ۽ انور رتول پوري دنيا ۾ وڏو مشهور آهن. پر گذريل 10-15 سالن کان انب جا آبادگار هڪ ڳڻتي جوڳو وڏو مسئلي سان جهونجهي رهيا آهن. جنهن کي اچانڪ انب سوڪهڙ واري بيماري سڏيو وڃي ٿو. چاڪاڻ ته هي بيماري هزارين صحتمند وڻن کي ڪجهه ئي هفتن يا مهينن ۾ سُڪائي ڳاري ساڙي ختم ڪري ڇڏيندي آهي ۽ نتيجي ۾ هڪ وڏو معاشي نقصان ڪري ڇڏيندي آهي.



## بيماري جو سبب:

هي بيماري هڪ عدد سبب جي ڪري نه آهي ٿيندي بلڪه هڪ کان وڌيڪ سبب گڏجي ڪري بيماري جو ڪارڻ بڻجندا آهن. جنهن ۾ ڪجهه مُکيه فنگس جهڙوڪ ليسيبڊو ڊپولوڊيا ٿيو برو مئي ۽ فيوزريم شامل آهن. ان سان گڏ گهٽ نيڪاس، ڇانگ دوران ٿيل زخم غذا جي کوٽ جي ڪري به هي بيماري ٿي سگهي ٿي.

## بيماري جو ڦهلاءُ:

هي بيماري ڇوڏي واري ٽنڊڻ جي ڪري ڦهلجي ٿي.

## بيماري کي سڃاڻڻ جون نشانيون:

هي بيماري ٻوٽي جي مٿئين ۽ هيٺين حصن تي حملو ڪندي آهي. تنهنڪري بيماري جي نشانين کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي.

## مٿئين حصي تي نشانيون:

بيماري جي شروعات ۾ پن هلڪا ساوا، پِيلا ۽ ڀوري رنگ جا ٿي ويندا آهن.

سڪڙجڻ شاخن جي چوٽين کان شروع ٿيندو آهي پوءِ اڳتي هلي هيٺ طرف سڪڙجڻ وڌي ويندي آهي.

متاثر ٻوٽي جي مُکيه شاخن ۽ ڀڳل ٿڙ مان چيپ چيپو ڦڪي ڀوري رنگ جو ڪونئر نڪرندڙ ڏسڻ ۾ ايندو آهي مُکيه ٿڙ ۽ شاخن جو کل ڦاٽڻ شروع ٿي ويندي اهي ۽ اندر ڪاري رنگ جون لڪيرون ڏسڻ ۾ ايندیون آهن. ان سان گڏ ڪارا سوراخ ڇوڏي واري ٽنڊڻ جو پڻ ڏسڻ ۾ ايندا آهن..

## هيٺين حصن تي نشانيون:

خوراڪ واريون پاڙون ڳري ڪاري رنگ جون ٿي وينديون آهن. پاڙن کي وڌيڪ ڪٽ هڻي ڏسبو ته ان ۾ به ڪاري ڀوري رنگ جو لڪيرون ڏسڻ ۾ ايندیون آهن.

## بيماري کان بچاءُ لاءِ بنيادي سفارشون ۽ احتياطي اُپاءُ:

سڀ کان پهرين بيمار ٻوٽا ۽ ڇانگ واريون شاخون هڪدم پنهنجي باغ مان ڪڍي ڪنهن جڳهه تي ساڙڻ گهرجن.

ڇانگ کان پوءِ يا پٽائي کانپوءِ ڪنهن قسم جو اگر ٻوٽي ۾ سوراخ ڏسڻ ۾ اچي ته ان کي بورڊيڪس مڪسچر يا ڪنهن فنگيسائيڊ سان 24 ڪلاڪن جي اندر ۾ ليپو ڏئي ڇڏجي.

خاص طور مينهن واري مُند ۾ ڪنهن به قسم جو اضافي پاڻي ٿڙ جي چوڏاري نه بيٺل هجي. بروقت ان جون نيڪاس ڪرڻ تمام گهڻو ضروري آهي.

هر سال باغ جي مٽي مان مُکيه غذائي جزن جي چڪاس ڪرڻ گهرجي ۽ اضافي يوريا ڀاڻ ڏيڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي ۽ ڪوشش ڪجي ته بلڪل ڳريل وٿاڻ جو ڀاڻ هر سال ڏيڻ گهرجي.

بيماري ڦهلائيندڙ ڇوڏي واري ٽنڊڻ جي سوراخن ۽ ٿڙ جي چوڏاري ڪلوروپائريفاس 20 اِي سي سان ڦوهارو ڪري ضابطي ۾ آنجي خاص ڪري اپريل، مئي ۽ سيپٽمبر يا آڪٽوبر ۾ ڦوهارو ڪرڻ گهرجي.

25 سيڪڙو کان گهٽ متاثر ٻوٽن کي انجيڪشن طريقي سان ضابطي ۾ آڻي سگهجي ٿو هن طريقي ۾ مُکيه ٿڙ جي چوڏاري ڊرل مشين ذريعي چار کان پنج سوراخ ڪڍي ان ۾ ڪپهه جا فوم هر هڪ سوراخ ۾ لڳائي پوءِ 500 سرنج ٿائيوفينيٽ يا ڪاربنڊيزم فنگيسائيڊ جي ٺهيل هڪ لٽر ۾ 5 گرام فنگيسائيڊ واري محلول مان ڀري هڪ هڪ سوراخ ۾ لڳائي وڃي. ان کان پوءِ سوراخن کي پلاسٽر سان ويڙهي ڇڏجي اهڙي طرح جيستائين بيمارين جون نشانيون ٻوٽي مان ختم نه ٿين تيستائين هر 15 ڏينهن کان پوءِ هي ساڳئي طريقي سان علاج ڪيو وڃي.

# ربيع جي پاڇين جون فصلوار سفارشون

ترتيب: منير احمد ڪاڪا، ڊائريڪٽر زرعي اطلاعات، زرعي توسيع سنڌ حيدرآباد

## مٽر (Peas):

**پوکيءَ جو وقت:** آڪٽوبر کان نومبر.

**جنسون:** پرلي، سونيڪس، پي ايف 400، شيرين.

**ٻج جو مقدار:** 15 کان 20 ڪلو گرام.

پوکيءَ جو طريقو: ننڍي قد وارين جنسن جون چئن فوٽن جي ڪرين تي اڍائي کان ٽن انچن جي مفاصلي تي چنگيون هڻجن. وڏي قد ۽ وچولي قد وارين جنسن جون چئن فوٽن جي ويڪرن ڪرين تي ٻن کان ٽن انچن جي مفاصلي تي چنگين ذريعي پوکجي .

**ڪيميائي ڀاڻ:** ڊي-اي -پي هڪ کان ڏيڍ ٻوري، يوريا هڪ ٻوري ۽ پوٽاش هڪ کان ٻه ٻوريون في ايڪڙ پوکيءَ وقت ۽ بعد ۾ ٻه ڀيرا هڪ هڪ يوريا هر 15 ڏينهن يا (اين-پي-ڪي 15:15:15) جون 3 ٻوريون في ايڪڙ. هڪ ٻوري اين-پي-ڪي پوکيءَ وقت ٻي ٻوري اين-پي -ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا پوکيءَ جي 15 ڏينهن ۽ ٽين ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا في ايڪڙ مهيني بعد ڏجي.

**پاڻي:** هفتي هفتي ضرورت مطابق ڏجي .

## پٽاٽا (Potato):

**پوکيءَ جو وقت:** آڪٽوبر کان نومبر **جنسون:** اچا پٽاٽا، ملٽا ۽ پيٽرونس ٻج جو مقدار: 15 کان 20 مڻ في ايڪڙ.

**پوکيءَ جو طريقو:** 2 کان اڍائي فوٽن جي ڪرين جي چوٽيءَ تي، 5 کان 6 انچن جي مفاصلي تي لڳائجن.

**ڪيميائي ڀاڻ:** ڊي-اي -پي هڪ کان ڏيڍ ٻوري، يوريا هڪ ٻوري ۽ پوٽاش هڪ کان ٻه ٻوريون في ايڪڙ پوکيءَ وقت ۽ بعد ۾ ٻه ڀيرا هڪ هڪ ٻوري يوريا هر 15 ڏينهن يا (اين-پي-ڪي 15:15:15) جون 3 ٻوريون في ايڪڙ. هڪ ٻوري اين-پي-ڪي پوکيءَ وقت ٻي ٻوري اين-پي -ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا پوکيءَ جي 15 ڏينهن ۽ ٽين ٻوري اين-پي -ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا في ايڪڙ مهيني بعد ڏجي.

**پاڻي:** پهريون پوکيءَ وقت هڪدم ڏجي باقي هفتي ڏهين ڏينهن ضرورت مطابق ايترو ڏجي جنهن جو چوٽيءَ تي صرف سيڪ پهچي.

## پٽائي گجرون (Carrot):

**پوکيءَ جو وقت:** آڳاٽي پوک سيپٽمبر کان آڪٽوبر ۽ منڊائتي پوک نومبر ۾ ڪجي.

**جنسون ۽ ٻج جو مقدار:** ديسي 5 کان 6 ڪلو ۽ ولائتي 3 کان 4 ڪلو گرام في ايڪڙ.

**مفاصلو:** ٻوٽا ٽن چئن انچن جا ٽين ته 13 انچن جي مفاصلي تي ڇڊائي ڪجي.

**ڪيميائي ڀاڻ:** ڊي -اي-پي هڪ کان ڏيڍ ٻوري يوريا هڪ ٻوري ۽ پوٽاش هڪ کان ٻه ٻوريون في ايڪڙ پوکيءَ وقت ۽ بعد ۾ ٻه ڀيرا هڪ هڪ ٻوري يوريا هر 15 ڏينهن يا (اين-پي-ڪي 15:15:15) جون 3 ٻوريون في ايڪڙ. هڪ ٻوري اين-پي-ڪي پوکيءَ وقت ٻي ٻوري اين-پي -ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا پوکيءَ جي 15 ڏينهن ۽ ٽين ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا في ايڪڙمهيني بعد ڏجي.

**پاڻي:** آڳاٽي فصل کي پهريان ٽي چار پاڻي هر هفتي بعد ۽ ٽڏن ڏينهن ۾ ڏهين کان ٻارهين ڏينهن بعد پاڻي ڏجي.

## ٿوم (Garlic):

**پوکيءَ جو وقت:** آڳاٽي پوکي سيپٽمبر کان شروع ڪجيءِ ختم نومبر جي آخر ۾ ڪجي.

**جنسون:** ديسي نيو دمبالو.

**ٻج جو مقدار:** 100 ڪلوگرام في ايڪڙ.

**پوکيءَ جو طريقو:** ننڍين ٻارين ۾ اڌ فوٽ جي مفاصلي تي قطارن ۾ ٽن ٽن انچن جي مفاصلي تي ڳُريون رونبو ڪجن. جڏهن ته ڪرين تي به پوکي ڪري سگهجي ٿي .

**ڪيميائي ڀاڻ:** ڊي-اي -پي هڪ کان ڏيڍ ٻوري، يوريا هڪ ٻوري ۽ پوٽاش هڪ کان ٻه ٻوريون في ايڪڙ پوکيءَ وقت ۽ بعد ۾ ٻه ڀيرا هڪ هڪ ٻوري يوريا هر 15 ڏينهن يا (اين-پي-ڪي 15:15:15) جون 3 ٻوريون في ايڪڙ. هڪ ٻوري اين -پي-ڪي پوکيءَ وقت ٻي ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا پوکيءَ جي 15 ڏينهن ۽ ٽين ٻوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ ٻوري يوريا في ايڪڙمهيني بعد ڏجي.

**پاڻي:** شروعاتي ٻه ٽي پاڻي تڪڙا ڏجن ته جيئن ڳُريون ڦُٽن. جنهن بعد گرميءَ ۾ اين-پي-ڪي هفتي هفتي بعد ۽ سرديءَ ۾ ڏهين کان ٻارهين ڏينهن بعد ڏيڻ گهرجي.

## پالڪ (Spinach/Chard):

پوکيءَ جو وقت: ديسي پالڪ آڪٽوبر کان جنوريءَ تائين پوکجي پر ولائتي پالڪ ان سان گڏ سانوڻيءَ ۾ پوکي وڃي ٿي .

**جنسون:** ديسي پالڪ نرم ۽ سنهن پنن واري ۽ ولائتي پالڪ سخت ۽ وڏن پنن واري ٿيندي آهي.

**ٻج جو مقدار:** 15 کان 20 ڪلو گرام في ايڪڙ

**پوکيءَ جو طريقو:** ننڍين ٻارين ۾ قطارن جي شڪل ۾ پوکجي پر ساڳئي وقت ننڍن ڪرين تي پوکي سگهجي ٿي.

**ڪيميائي ڀاڻ:** پوکيءَ وقت (اين-پي-ڪي 15:15:15) هڪ بوري، ٻي بوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ بوري يوريا 15 ڏينهن بعد، ٽين بوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ بوري يوريا مهيني بعد ڏجي. ان کان پوءِ هر لوپ کان پوءِ هڪ بوري يوريا في ايڪڙ وجهجي .

**پاڻي:** گرميءَ ۾ هر هفتي بعد ۽ ٿڌ ۾ ٻارهين کان پندرهين ڏينهن بعد ڏيڻ گهرجي.

## بند گوبي (Cabbage):

**پوکيءَ جو وقت:** مندائتي پوکي لاءِ ٻيجارو سيپٽمبر-آڪٽوبر ۾ ۽ رونبو آڪٽوبر- نومبر ۾ ڪجي. جڏهن ته پاڇاتي پوکيءَ لاءِ ٻيجارو نومبر ۾ ۽ رونبو ڊسمبر ۾ ڪجي.

**ٻج جو مقدار:** 100 کان 400 گرام في ايڪڙ.

**ڪيميائي ڀاڻ:** اين-پي-ڪي هڪ کان ڏيڍ بوري ۽ پوٽاش هڪ کان ٻه بورين في ايڪڙ پوکيءَ وقت ۽ بعد ۾ ٻه ڀيرا هڪ هڪ بوري يوريا هر پندرهين ڏينهن يا (اين-پي-ڪي 15:15:15) جون 3 بورين في ايڪڙ. هڪ بوري اين-پي-ڪي پوکيءَ وقت ٻي بوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ بوري يوريا پوکيءَ جي 15 ڏينهن ۽ ٽين بوري اين-پي-ڪي ۽اڌ بوري يوريا في ايڪڙ مهيني بعد ڏجي.

**گڏ ۽ پاڻي:** گڏ جڏهن رونبي کان پوءِ ٻوٽا چڱي طرح لڳي وڃن ته ڪجي ۽ ٻوٽن تي هلڪي مٽي چاڙهجي. اهڙي طرح پندرهين ڏينهن ٻي گڏ ڪري وري مٽي چاڙهجي پاڻي شروع ۾ ٻه ٽي ٽڪڙا ڏجن. ان بعد سردي ۾ ڏهين کان پندرهين ڏينهن ۽ گرمي ۾ هر هفتي پاڻي ڏجي .

## هربو (Fenugreek):

**پوکيءَ جو وقت:** مندائتي پوکي سيپٽمبر کان نومبر تائين پر جنوريءَ تائين لڳائي سگهجي ٿي .

**جنسون:** ديسي ۽ قصوري

**ٻج جو مقدار:** 6 کان 8 ڪلو گرام في ايڪڙ

**پوکيءَ جو طريقو:** ننڍيون چورس ٻاريون ٺاهي، انهن ۾ ريج ڪري مٿا ن پاڻيءَ ۾ ٻج ڇٽي ڇڏجي.

**ڪيمياڻي ڀاڻ:** پوکيءَ وقت (اين-پي-ڪي 15:15:15) هڪ بوري في ايڪڙ. ٻي بوري اين-پي-ڪي۽ اڌ بوري يوريا 15 ڏينهن بعد ۽ ٽين بوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ بوري يور يا مهيني بعد ڏجي. ان کان پوءِ هر لوب کان پوءِ هڪ بوري يوريا في ايڪڙ ڏجي.

**پاڻي:** گرميءَ ۾ هر هفتي بعد ۽ ٿڌ ۾ ٻارهين کان پندرهين ڏينهن بعد پاڻي ڏيڻ گهرجي.

## سلاد (Lettuce):

**پوکيءَ جو وقت:** سيپٽمبر کان نومبر تائين

**پوکيءَ جو طريقو:** ٻن کان اڍائي فوٽن جا ڪريا ڪڍي ڪرين جي ٻنهي پاسي 9 انچن جي مفاصلي تي چنگيون هٽي ڪرين کي ايترو پاڻي ڏجي جيئن چنگين تائين صرف پاڻيءَ جو سيڪ پهچي .

**ڪيمياڻي ڀاڻ:** پوکيءَ وقت (اين-پي-ڪي 15:15:15) هڪ بوري في ايڪڙ. ٻي بوري اين-پي-ڪي۽ اڌ بوري يوريا 15 ڏينهن بعد ۽ ٽين بوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ بوري يو ريا مهيني بعد ڏجي. ان کان پوءِ هر لوپ کان پوءِ هڪ بوري يوريا في ايڪڙ ڏجي .

**پاڻي:** گرميءَ ۾ هفتي هفتي بعد ۽ سرديءَ ۾ ٻارهين کان پندرهين ڏينهن بعد پاڻي ڏجي.

## ڌاڻا (Coriander):

**پوکيءَ جو وقت:** مندائتي پوک سيپٽمبر کان آڪٽوبر تائين تجويز ٿيل آهي. باقي سڄو سال پوکجن ٿا.

**جنسون:** ايراني ۽ ديسي.

**ٻج جو مقدار:** 6 کان 8 ڪلو گرام في ايڪڙ

**پوکيءَ جو طريقو:** ٻن اڍائن فوٽن جي ڪرين تي ٻنهي پاسن کان ليڪ ڪڍي ان ۾ ٻج ڇٽي. مٿان هٿ سان ڍڪي. سيڪ جيترو پاڻي ڏجي. اهڙي طرح ناڙي به ڪري سگهجي ٿي. ٻج کي سڄي رات ڀُسائي رکجي ۽ پوءِ پوکجي .

**ڪيمياڻي ڀاڻ:** پوکيءَ وقت (اين-پي-ڪي 15:15:15) هڪ بوري في ايڪڙ. ٻي بوري اين-پي-ڪي۽ اڌ بوري يوريا 15 ڏينهن بعد ۽ ٽين بوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ بوري يوريا مهيني بعد ڏجي. ان کان پوءِ هر لوب کان پوءِ هڪ بوري يوريا في ايڪڙ ڏجي .

**پاڻي:** گرميءَ ۾ هر هفتي بعد ۽ سرديءَ ۾ ٻارهين کان پندرهين ڏينهن بعد پاڻي ڏيڻ گهرجي.

## سؤنف/وڏف (Fennel) :

**پوکيءَ جو وقت:** 15 آڪٽوبر کان نومبر جو سڄو مهينو

**ٻج جو مقدار:** 5 ڪلو گرام في ايڪڙ

**پوکيءَ جو طريقو:** ڏيڍ کان ٻن فوٽن جي مفاصلي تي قطارن ۾ پوکجي.

**ڪيمياڻي ڀاڻ:** پوکيءَ وقت (اين-پي-ڪي 15:15:15) هڪ بوري في ايڪڙ ۽ ٻي بوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ بوري يوريا 15 ڏينهن بعد ۽ ٽين بوري اين-پي-ڪي ۽ اڌ بوري يوريا مهيني بعد ڏجي.

**پاڻي:** پهريون پاڻي مهيني بعد ۽ ٻيا پاڻي پندرهين کان ويهين ڏينهن بعد ڏجن.

# سنڌ ۾ کجي جي پيداوار ۽ ٽرم کجي جي پوک

تحرير:
مرزا ڪاظم رضا بيگ

سنڌ ۾ کجور جي پيداوار زرعي روزگار ۾ نمايان حيثيت رکي ٿي، جيڪا مقامي لاڳت ۽ ٻاهران آيل ناٽي ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. سنڌ، خصوصاً خيرپور ضلعو سڄي ملڪ ۾ کجور جو سڀ کان وڏي ۾ وڏو پيداوار ڏيڻ وارن ملڪن مان هڪ آهي. کجور پنهنجي مالي حيثيت جي ڪري تمام گهڻي مشهور آهي. کجور ضروري ڪاڏ خوراڪ جزن، وٽامن ۽ ڌاتن (معدنيات) سان ڀرپور آهي. کجور صحتلاءِ انساني خوراڪ جو هڪ اهم جز بہ آهي. پاڪستان ۾ 2 لک ٻاونجاهہ هزارن جي ايڪڙن تي کجور جا باغ آهن. 2022 ۾ 7 لک پنجاهہ هزار ٽن پيداوار سان گڏوگڏ پاڪستان، کجور جي مارڪيٽ جو اهم پائيوار بڻجي ويو آهي.

سنڌ ۾ کجور جي پيداوار ۾ سنڌ جي نمايان ڪردار تي فخريہ انداز ۾ چئي سگهجي ٿو تہ پاڪستان جي سڄي پيداوار جو 70 سيڪڙو سنڌ پيدا ڪري ٿو. ساڍا 33 سيڪڙو بلوچستان پيدا ڪري ٻئي نمبر تي آهي. جڏهن تہ اڍائي سيڪڙو خيبر پختونخواهہ حاصل ڪري ٽئين نمبر آهي. سنڌ ۾ خيرپور، کجور جي انيڪ قسمن جو مرڪز آهي، جتي 300 کان مٿي مختلف قسمن جي کجور پوکي وڃي ٿي ۽ قومي پيداوار ۾ 70 سيڪڙو آهي. هن سلسلي ۾ سرڪار جٽادار پوکي کي يقيني بنائڻ خاص مددگار ثابت ٿيندو. ۽ سنڌ سرڪار کجور پوکڻ لاءِ جديد طريقن ۽ عالمي مارڪيٽ ۾ سنڌ جي ڪردار کي وڌائڻ لاءِ ع المي ڀاڱي ڀائيواري، خصوصاً متحده عرب امارت سان تعاون لاءِ هر گهڙي تيار آهي.

سنڌ سرڪار خليجي ملڪن جي ڍنگ تي قومي ڪاڏ خوراڪ جي تحفظ ۽ تحقيق واري وزارت، زرعي تحقيقاتي ڪائونسل ذريعي سان ٿر جهڙي وارياسي علائقي ۾ بہ کجور جي پوک جي شروعات ڪئي آهي.

خيرپور ۾ کجين کي اس ۾ خشڪ ڪرڻ عام آهي، جتي کجين کي قدرتي طرح سان خشڪ ڪرڻ لاءِ کليل اُس واري ميدان ۾ چٽائين تي وڇايون وڃن ٿيون، انهيءَ ڪري جو پکي، ڪيڙا مڪوڙا ۽ ٻيا جيت ۽ جانور کجور کي گدلو ڪري سگهندا آهن. وڍڻ کانپوءِ آپريشن جي مختلف مرحلن ۾ 20 کان 30 سيڪڙو کجور بيڪار ٿيو وڃي، جنهن ڪري آبادگارن کي آمدني ۾نقصان ٿئي ٿو.

وڍائي کانپوءِ جي انتظامن ۾ خراب ميوي کي هٽائڻ لاءِ فوراً ڇانڊڻ ۽ صفائي ڪرڻ ۽ معيار مطابق برقرار رکڻ ۽ فصل جي درجہ بندي شامل آهي. هي مرحلو معيار کي برقرار رکڻ ۽ فصل کانپوءِ ٿيڻ وارن نقصانن کي گهٽ ڪرڻ لاءِ اهم آهي. کجور جي وڍائي هن خطي ۾ اڪثر جولائي کان سيپٽمبر تائين چؤماسي برساتن دوران ٿئي ٿي. چؤمواسي برساتون 90 سيڪڙو کجور کي تيزي سان تباهہ ڪن ٿيون جنهن ڪري انهن کي برساتن کان بچائڻ ڏکيو آهي. خيرپور سنڌ ۾ پروسيسنگ جون سهلوتن محدود آهن ۽ سي بہ گهڻي ۾ گهڻون ننڍي درجي تي، جن ۾ جديد ٽيڪنالاجي جي بہ کوٽ اهي. نتيجي ۾ کجيون ڪچيون وڪامنديون آهن يا تمام گهٽ پروسيسنگ ٿين ٿيون جنهن ڪري انهن جي معيار ۾ کوٽ ٿئي ٿي. کجين مان شيون تيار ڪرڻ لاءِ چڱا موقعا موجود آهن. جديد پروسيسنگ ٽيڪنالاجي ۾ سيڙپ ڪاري ڪري کجين مان ٺهيل شين جي معيار کي بهتر ڪري سگهجي ٿو ۽ بنيادي خاڪي کي بهتر بنائجي تہ جيئن ڪولڊ آسٽوريج جون سهولتون ۽ اثرائتو لاجسٽڪ، فصل کانپوءِ ٿيڻ وارن نقصانن کي گهٽ ڪري سگهجي ٿو ۽ کجين جي مارڪيٽ تائين وقت سر رسائڻ کي يقيني بڻائي سگهجي ٿو.

سنڌ جي زرعي ماحولياتي زونز، کجور جي پوک کي واڌ ويجهہ ڏيڻ جي صلاحيت رکي ٿو. بلڪہ ٿر جي وارياسي علائقي ۾ کجور جي پوک کي مشهور ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت هڪ اهم منصوبي تي ڪم جي شروعات ڪئي پئي وڃي ۽ خليجي ملڪن ۾ کجور جي پوک لاءِ مختلف ماڊلز حاصل ڪيا ويا آهن. نيشنل فوڊ سيڪيورٽي اينڊ ريسرچ واري وزارت، پاڪستان ايگريڪلچر ريسرچ ڪائونسل هن ڏس ۾ ڪم ڪري رهي آهي.

ڪوالٽي سرٽيفڪيشن ۽ معيار جي عمل کي سڃاڻپ ڪرائڻ لاءِ بين الاقوامي منڊين ۾ سنڌ جي کجور کي هٿي وٺرائي سگهجي ٿي ۽ کجور جي پنهنجي مارڪيٽ جوڙائي سگهجي ٿي ۽ مارڪيٽ تائين وقت سر رسائن ۽ مارڪيٽ جي ترقي، سنڌ جي کجور مان ٺهيل شين کي مشهور ڪرڻ لاءِ ڪا پاليسي جوڙي وڃي. کجور جي گهڻي خريداري جي باوجود خاص ڪري وچ اڀرندو (مشرق وسطي) ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ سنڌ جي کجور جي صنعت کي هٿي وٺرائي سگهجي ٿي ۽ چڱين قيمت واريون ٺهيل شيون تيار ڪري سگهجن ٿيون. جيڪي بين الاقوامي معيار تي پورو لهن ۽ اهي مارڪيٽ جي موقعي مان فائدو حاصل ڪري سگهن. آخرڪار سنڌ ۾ جٽادار ترقي جو ڪارڻ بڻجن ٿيون.

# سنڌ پنهنجي کجيءَ جي صنعت کي عالمي برآمدي طاقت ۾ ڪيئن تبديلي ڪري سگهي ٿي

آمنہ جُماڻي، ايگريڪلچر آفيسر، ڊائريڪٽوريٽ جنرل زرعي توسيع سنڌ

خيرپور سنڌ جو هڪ اهم ڪجي پيدا ڪندڙ علائقو آهي ۽ ڪجي هن ضلعي جي اهم زرعي ۽ تجارتي پيداورن مان هڪ آهي. (Trade Development Authority of Pakistan (TDAP) خيرپور جي اهم زرعي شعبن ۾ ڪجيءَ کي شامل ڪري ٿي.

ضلعي ۾ ڪجيءَ جي پروسيسنگ جا ڪارخانا ۽ ٿڌي استوريج جون سهولتون پڻ موجود آهن. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هن فصل جي پيداوار کان وٺي واپار تائين هڪ قدر واري زنجير اڳ ئي موجود آهي.

پاڪستان ۾ ڪجيءَ جي صنعت وڏي اهميت رکي ٿي، پر هن فصل مان حاصل ٿيندڙ آمدني ۾ وڌيڪ واڌ جي وڏي گنجائش موجود آهي. مسئلو صرف وڌيڪ ڪجي پيدا ڪرڻ جو ناهي. هارين جو واپارين ۽ پروسيسنگ ڪندڙ کي معيار، فصل لاهڻ کان پوءِ سنڀال، پروسينسگ، پيڪنگ کي بهتر بڻائڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن خيرپور جون ڪجيون عالمي مارڪيٽن ۾ وڌيڪ بهتر نموني مقابلو ڪري سگهن.

1. **آبهواءِ پاڻي جا چئلينج:** ڪجيءَ جا وڻ گرم ۽ خشڪ موسم لاءِ مناسب آهن. پر ڪامياب پيداوار لاءِ مناسب پاڻي جو انتظام ضروري آهي. سٺي باغباني ميوو نهڻ کان اڳ ئي شروع ٿيڻ گهرجي. ڪجيءَ جي وڻ جي صفائي، غير ضروري واڌويجهہ، کي ختم ڪرڻ صحتمند وڻ برقرار رکڻ، وقت سر گرده افشاني ۽ مناسب سنڀال سان بهتر پيداوار حاصل ڪري سگهجي ٿي.

2. **فصل لاهڻ کان پوءِ ٿيندڙ نقصان گهٽ ڪرڻ:** هارين لاءِ هڪ وڏو موقعو اهو آهي تہ فصل لاهڻ کان پوءِ بہ پيداوار کي نقصان کان بچايو وڃي. فصل لاهڻ کان پوءِ ڪجين کي احتياط سان الڳ، صاف، ترتيبوار ۽ گريڊنگ ڪرڻ گهرجي. خراب، بيمار يا گهٽ معيار واري ڪجيءَ کي سٺي معيار واري ڪجيءَ سان گڏ نہ ملائڻ گهرجي. صاف سٿري طريقي سان سنڀالڻ ۽ مناسب پيڪنگ سان آلودگي ۽ نقصان کي گهٽ ڪري سگهجي.

خيرپور ۾ روايتي پروسيسنگ ۾ اڳ ئي ڌوئڻ، اُبالڻ، سڪائڻ، ترتيب ڏيڻ، صفائي ۽ پيڪنگ جهڙيون سرگرميون شامل آهن. انهن طريقي کي جديد بڻائڻ سان هاري ۽ پروسيسنگ ڪندڙ نقصان گهٽائي ۽ وڌيڪ هڪجهڙو ۽ بهتر معيار وارو پراڊڪٽ تيار ڪري سگهن ٿا.

3. **خيرپور ڪجور کي هڪ سڃاتل برانڊ بڻائڻ:** ان لاءِ مستقل معيار ضروري آهي. صرف برانڊ ٺاهڻ سان ڪامياب برآمدي پراڊڪٽ تيار نٿو ٿي سگهي. ڪجين ۾ صفائي، مناسب گريڊنگ، بهتر پيڪنگ، خوراڪ جي حفاظت جا معيار پورا ڪرڻ ضروري آهن. جديد پيڪنگ پراڊڪٽ کي ٽرانسپورٽ دوران محفوظ رکڻ سان گڏ مارڪيٽ ۾ ان جي خوبصورتي ۽ ڪشش پڻ وڌائي سگهجي ٿي.

4. **ڪجيءَ جي آخري وڪرو واري قيمت مان ڪيترو هاري تائين پهچي ٿو:**

عام طور تي ڪجي هيٺين مرحلن مان گذري ٿي.

هاري – واپاري – منڊي – پروسيسر – پيڪنگ - برآمد ڪندڙ ۽ عالمي صارف.

هارين ۽ پروسيسنگ ڪندڙن وچ ۾ بهتر رابطو فائديمند ٿي سگهي ٿو. هاري تنظيمون وڏي مقدار ۾ گڏيل طور پيداوار وڪڻڻ ۽ مارڪيٽ جي معلومات حاصل ڪرڻ ۽ خريدارن سان بهتر ڳالهين ۾ مدد ڪري سگهن ٿيون. جڏهن هارين کي گريڊنگ ۾ معيار جي گهرجن جي ڄاڻ هوندي تہ هو اهڙي ڪجيءَ پيدا ڪري سگهندا جيڪا پروسيسنگ ڪندڙن ۽ برآمد ڪندڙن لاءِ وڌيڪ پرڪشش هجي.

5. **عورتن ۽ ڳوٺاڻن لاءِ روزگار:** ڪجيءَ جي پروسيسنگ واري صنعت جي ترقي سان ڳوٺاڻن علائقن ۾ روزگار جا نوا موقعا پيدا ٿي سگهن ٿا. ڪجين جي ترتيب، گريڊنگ، صفائي، پيڪنگ ۽ ننڍي پيماني تي پروسيسنگ ۾ عورتن ۽ ٻين ڳوٺاڻن مزدورن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪري سگهجن ٿا.

اهڙي طرح صرف باغ جي مالڪ کي فائدو نہ ٿيندو پر هڪ ترقي يافتہ ڪجيءَ جي صنعت سان فصل لاهڻ، ٽرانسپورٽ، پروسيسنگ پيڪنگ، استوريج تي ۽ مارڪيٽ سان لاڳاپيل ڪيترن ئي ماڻهن کي فائدو پهچي سگهجي ٿو.

6. **هاري وڌيڪ آمدني ڪيئن حاصل ڪري سگهن ٿا:**

هاري خيرپور جي ڪجين جي مقابلي واري صلاحيت وڌائڻ ۾ سڌو سنئون ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. انهن کي صحتمند ڪجيءَ جا وڻ، پاڻي جو موثر انتظام، وقت سرگرده افشاني مناسب سنڀال، احتياط سان فصل لاهڻ ۽ صاف سٿري طريقي سان فصل لاهڻ کان پوءِ سنڀال تي ڌيان ڏيڻ گهرجي.

هارين کي سڀني ڪجين کي گڏ ڪري وڪڻڻ بدران معيار مطابق الڳ ڪرڻ گهرجي. بهترين معياري واري ڪجيءَ کي پريميم پيداوار طور وڪڻي سگهجي ٿو. جڏهن تہ مناسب گهٽ معيار واري ڪجيءَ کي پروسيسنگ لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو. پيداوار ۽ خرچن جو رڪارڊ رکڻ سان هاري اهو سمجهي سگهن ٿا تہ ڪهڙا طريقا وڌيڪ فائديمند آهن. زرعي آفيسرن کان مشورو وٺڻ ۽ مقامي مارڪيٽ جي گهرج کي نظر ۾ رکڻ گهرجي.

خيرپور جي هارين لاءِ مقصد صرف وڌيڪ ڪجي پيدا ڪرڻ نہ هجڻ گهرجي. اصل مقصد بهتر معياري واري ڪجي پيدا ڪرڻ، فصل لاهڻ کان پوءِ وڌيڪ پيداوار نقصان کان بچائڻ ۽ وڌيڪ قيمت ڏيندڙ مارڪيٽن تائين حاصل ڪرڻ گهرجي.

# دالين وارن فصلن جي پوک

چڻن ۽ ٻين دالين وارن فصلن جي پوک سان نہ صرف ناڻو ملي ٿو پر انهن جي استعمال سان غذائيت ۾ بہ اضافو ٿئي ٿو. ان سان گڏ زمين جي زرخيزي ۾ پڻ اضافو ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ تہ چڻن جي پاڙن ۾ ننڍيون ڳوڙهيون (Nodules) ٿين ٿيون، جيڪي هوا مان نائٽروجن حاصل ڪري زمين ۾ جذب ڪن ٿيون، جيڪو ٻئي فصل لاءِ فائديمند آهي. هي فصل جانورن جي چاري (سائي ۽ سڪي حالت ۾) استعمال ٿئي ٿو. جنهنڪري جانورن جي کير ۽ گوشت ۾ پڻ اضافو آڻي ٿو. ان کان علاوه چڻا زمين ۾ سائي ڀاڻ طور بہ ڪم اچن ٿا، جنهن سان زمين جي زرخيزي ۾ پڻ اضافو اچي ٿو.

**زمين:** چڻن جي پوک لاءِ لٽياسي، چيڪي لٽياسي زمين موزون آهي. هي فصل ڪڇي ۾ بوسي ۽ ساريال جي علائقي ۾ ٻوٻاري طور پوکيو وڃي ٿو. جڏهن تہ سم ۽ ڪلر واريون زمينون چڻن جي پوکي لاءِ موزون نہ آهن.

**زمين جي تياري:** هي فصل ربيع جي موسم ۾ ڪڇي يا ساريال جي علائقي ۾ اڪثر پوکيو وڃي ٿو. ساريال جي علائقي ۾ لاباري بعد ۽ ڪڇي ۾ ٻوڏ جي پاڻي لهڻ بعد جڏهن زمين وَتَ ۾ اچي تہ ان کي هر ڏئي سانهر گهمائي پٽر پيچي هموار ڪري پوکيءَ لاءِ تياري ڪجي.

**پوکيءَ جو وقت ۽ طريقو:** چڻا پوکڻ جو صحيح وقت 15 آڪٽوبر کان 22 نومبر تائين عمل هيٺ اچي ٿو. پر چڻن جي جنسن ڏوڪري چڻا-89 (DG-89) جي پوکي ڊسمبر جي پهرين هفتي تائين ڪري سگهجي ٿي.

چڻن جو فصل ناڙي يا ڇٽ رستي پوکيو وڃي ٿو. پر هن فصل جي ناڙي رستي پوک بهتر آهي جنهن مان وڌيڪ پيداوار ملي ٿي. ڇاڪاڻ تہ ناڙي پوک ۾ گُڏ ۽ گندگاهہ جو خاتمو آسانيءَ سان ڪري سگهجي ٿو. هن فصل جي ناڙي هڪ فوٽ جي مفاصلي تي ڪجي. ان ڳالهہ جو خاص خيال رکجي تہ زمين ۾ وڌيڪ ريج يا مناسب وَتَ هجي.

**جنسون:** سنڌ صوبي لاءِ چڻن جي سفارش ٿيل جنسن ۾ ڏوڪري چڻا-89، ڏوڪري چڻا-92، چولا، سنياسي، سي-612، سي ايم-2000 وغيره پوکيون وڃن ٿيون.

**ٻج جو مقدار:** چڻن جو ٻج صاف، تندرست ۽ ملاوٽ کان پاڪ هئڻ گهرجي تہ جيئن ڦوٽهڙو بهتر ٿئي ۽ پيداوار بہ وڌيڪ ملي. چڻن جي پوکي لاءِ 35 کان 40 ڪلوگرام ٻج في ايڪڙ ڏجي.

**ڀاڻ ڏين:** چڻن جي فصل ۾ 15 ڪلوگرام نائٽروجن ۽ 30 ڪلوگرام فاسفورس يعني هڪ ٻوري ڊي اي پي ۽ يوريا ڀاڻ جي اڌ ٻوري يا اڍائي ٻوريون ايس ايس پي ۽ اڌ ٻوري يوريا في ايڪڙ استعمال ڪجي. نائٽروجن وارو ڀاڻ نئين ڦوٽهڙي ۽ واڌ لاءِ فائديمند ٿيندو جڏهن تہ فاسفورس جو ڀاڻ پيداوار ۾ اضافي سان گڏ فصل جي وقت سر پچڻ ۾ مددگار ٿئي ٿو.

**پاڻ ڏيڻ:** چڻن جي پوک گهڻو ڪري ساريال، ڪڇي ۽ باراني علائقن ۾ ڪئي وڃي ٿي. جنهنڪري موسم دوران فصل کي هڪ ٻن پاڻين جي ضرورت پوي ٿي، جيڪي گل اچڻ تائين ضرور ڏجن. جڏهن تہ برساتي علائقن ۾ پاڻيءَ جو پورائو پنهنجو پاڻ ٿي وڃي ٿو. آبپاشي وارن علائقن ۾ چڻن جي فصل کي 3 کان 4 پاڻي مناسب ٿيندا.

**گُڏ ڪڍڻ:** چڻن جو فصل شروعاتي واڌ جا مرحلا گهٽ رفتار سان پورا ڪري ٿو. جڏهن تہ گندگاهہ تيزيءَ سان وڌن ٿا ۽ فصل کي ڍڪي ڇڏين ٿا. تنهنڪري فصل ۾ گُڏ ۽ گندگاهہ جو خاتمو شروع ۾ ڪيو وڃي تہ جيئن ٻوٽا جلدي واڌ ڪن ۽ پيداوار ۾ بہ اضافو اچي.

**لابارو ۽ ڳاهہ:** چڻن جي فصل جو لابارو پوکيءَ جي وقت ۽ علائقي جي آبهوا تي مدار رکي ٿو. هي فصل اڪثر حالتن ۾ مارچ کان اپريل تائين پچي لاباري لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. جڏهن تہ ساريال جي علائقي ۾ چڻن جو لابارو مئي تائين ڪجي ٿو.

هن فصل کي ڪٽائيءَ بعد ول گڏ ڪري سڪائڻ گهرجي. بعد ۾ ڏاندن جي مدد سان ڳاهہ ڪجي يا وري ول کي ڏنڊن سان ڪُٽي ٻج صاف ڪجي.

**پيداوار:** هن فصل مان 15 کان 30 مڻ پيداوار وٺي سگهجي ٿي. جنهن جو دارومدار وڌيڪ پيداوار ڏيندڙ جنسن تي آهي.

**مٽر يا ديسي مٽر (Field pea):** مٽر هڪ اهم دال وارو فصل آهي، جيڪو قديمي دؤر کان ننڍي کنڊ اندر دال لاءِ پوکيو وڃي ٿو ۽ ڪن حالتن ۾ جانورن جي چاري ۽ سائي ڀاڻ واسطي پوکجي ٿو.

مٽر سنڌ ۾ ساريال جي علائقي ۾ ٻوٻاري فصلن طور پوکيو وڃي ٿو. جڏهن تہ هي فصل ڪڇي جي ايراضيءَ ۾ بوسي فصل طور پوکيو وڃي ٿو. هي فصل سياري جي ٿڌ ۽ خشڪي واريون حالتون برداشت ڪري ٿو. ڇاڪاڻ تہ مٽر خشڪ فصل آهي، جيڪو گهٽ پاڻي ۾ پوکي سگهجي ٿو.

**زمين:** مٽرن جي پوکيءَ لاءِ سخت چيڪي کان لٽياسي زمينون وڌيڪ موزون آهن.

**زمين جي تياري:** مٽر جي پوک لاءِ 2 کان 3 خشڪيءَ جا هر ڏئي پٽر پيچي زمين کي هموار ڪري پوکي ڪجي. ساريال جي علائقي ۾ مٽر لاباري بعد آلاڻ تي ڇٽ ڪيا وڃن ٿا.

**پوکيءَ جو وقت ۽ طريقو:** هن فصل جي پوک 15 آڪٽوبر کان 15 نومبر تائين ڪري سگهجي ٿي. مٽر عام ڪري ڇٽ ذريعي پپوکيا وڃن ٿا. هي فصل ڪڇي ۽ ٻوٻاري علائقن ۾ پوکيو وڃي ٿو. ساريال جي علائقي ۾ فصل جي لاباري بعد بچيل ريج يا آلاڻ تي مٽر ڇٽ ڪيا ويندا آهن.

**ٻج جو مقدار:** ٻج لاءِ پوکيل فصل واسطي في ايڪڙ ٻج جو مقدار 10 کان 15 ڪلوگرام استعمال ڪجي. جڏهن تہ مٽرن جي سائي چاري لاءِ پوک واسطي 35 کان 40 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج ڪم آڻجي.

**ڀاڻ ڏيڻ:** هن فصل ۾ عام طور ڀاڻ ڪم نہ آندو ويندو. آبپاشي واري فصل لاءِ 10 ڪلوگرام نائٽروجن ۽ 20 ڪلوگرام فاسفورس استعمال ڪجي. جڏهن تہ ڀاڻ جو سمورو وزن پوکيءَ وقت ڏيڻ گهرجي.

**پاڻي ڏيڻ:** هي فصل ڪڇي ۽ ساريال جي علائقي ۾ بوسي يا ٻوٻاري فصل طور پوکيو وڃي ٿو. جڏهن تہ آبپاشي وارن علائقن ۾ هن فصل جي پوکيءَ کان اڳ زمين کي ڳرو ريج جو پاڻي ڏجي، بعد ۾ هڪ يا بہ هلڪا پاڻي ڏجن.

**پيداوار:** هن فصل مان 15 مڻ يا 600 ڪلوگرام ٻج جي پيداوار في ايڪڙ ملي ٿي. پر سائي گاهہ جي پيداوار 250 کان 300 ڪلوگرام في ايڪڙ ملي ٿي.

## Cultivation of alfalfa

# برسيم جي پوک

**زمين:** برسيم جي پوک وارياسي ڪان چيڪي زمين ۾ ڪري سگهجي ٿي. هي فصل مختلف زمينن اندر پوکيو وڃي ٿو. جنهن ۾ وارياسي ڪان ڳريون لٽياسيون زمينون جنهن ۾ نيڪال سٺو هجي اهي بهتر آهن. جڏهن ته برسيم جا ٻوٽا هلڪي ڪلر وارين زمينن کي برداشت ڪن ٿا.

**زمين جي تياري:** برسيم ڏکيي پاڙ وارو فصل آهي. جنهن لاءِ زمين جي تياري بهتر نموني ڪئي وڃي ٿي. هن فصل جي پوک لاءِ 3 کان 4 هر ڏئي پتر پيچي زمين کي هموار ڪجي. پاڻي ڏيڻ بعد بيٺل پاڻي ۾ برسيم جو ٻج ڇٽ ڪرڻ گهرجي.

**پوکيءَ جو وقت ۽ طريقو:** هن فصل جي پوک 15 سيپٽمبر کان 15 نومبر تائين ڪري سگهجي ٿي. جڏهن ته اهي علائقا جتي گرمي جو درجو وڌيڪ هجي ان حالت ۾ برسيم آڪٽوبر مهيني ۾ پوکيو وڃي ٿو.

برسيم جي پوکي ڇٽ ذريعي ڪئي وڃي ٿي. هن فصل جي پوک لاءِ پهريائين زمين کي پاڻي ڏجي. ان بعد بيٺل پاڻيءَ ۾ برسيم جو ٻج ڇٽ ڪجي. هي فصل ووناڻ ۽ مڪئي جي بيٺل فصل ۾ پوکيو وڃي ٿو. جنهن لاءِ آڪٽوبر جي مهيني ۾ ووناڻ ۽ مڪئي کي پاڻي ڏجي ۽ بعدم برسيم جو ٻج ڇٽ ڪجي. جڏهن ته ساريال جي علائقي ۾ برسيم جي پوک سارين جي فصل جي لاباري بعد ڪئي وڃي ٿي. ڇاڪاڻ ته هن علائقي جي زمين جي سڌاري واسطي سارين ۾ برسيم جي وارقير ڪئي وڃي ٿي ته جيئن زمين مان ڪلر جو خاتمو ٿئي .

**جنسون:** هن فصل لاءِ مقامي جنس پوکي وڃي ٿي. جنهن ۾ پنن ۾ رسدار ڏانڊين جو گهڻو مقدار ٿئي ٿو .

**ٻج جو مقدار:** هن فصل لاءِ 10 کان 12 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪجي. ٻج سنهي هجڻ سبب ان جو مقدار وڌائي سگهجي ٿو .

**ياڻ ڏيڻ:** هن فصل کي عام طور ياڻ نه ڏنو ويندو آهي. پر زمين اندر هڪ هٿي پنيان لڳاتار فصل پوکڻ سبب زمين جي زرخيزيءَ تي اثر پوي ٿو ۽ پيداوار گهٽ ملي ٿي. تنهنڪري زمين جي زرخيزي کي قائم رکڻ لاءِ ياڻ ڏيڻ ضروري آهي. هن فصل جي پوکيءَ لاءِ اڌ ٻوري يوريا ۽ ڏيڊ ٻوري ڊي اي پي ياڻ في ايڪڙ پوکيءَ کان اڳ ڏيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته فاسفورس وارو ياڻ نه فقط فصل جي پيداوار وڌائي ٿو پر ان جي خاصيت تي پڻ سٺو اثر ڏيکاري ٿو. جڏهن ته فصل جي پهرين لوپ يا لاباري بعد يوريا ياڻ جي اڌ ٻوري ڏيڻ گهرجي. جنهن سان فصل سائو ۽ سرسبز ٿيندو ۽ واڌ جلدي ٿيندي.

**پاڻي ڏيڻ:** هن فصل جي پوکيءَ بعد ٻه هلڪا پاڻي هفتي اندر ڏيڻ گهرجن ته جيئن سٺو ڦوٽهڙو ٿئي. ڇاڪاڻ ته جلدي پاڻي ڏيڻ سبب سلا جلدي ساوا ٿيندا ۽ واڌ تيز ڪندا. هن فصل ۾ مجموعي طور 8 کان 10 پاڻي ڏيڻ گهرجن. جيڪي 10 کان 15 ڏينهن جي وقفي سان ڏيڻ گهرجن.

**گندگاهه:** هن فصل ۾ عام طور ڳڏ يا گندگاهه ڪيڻ جي ضرورت نه آهي. پر هن فصل ۾ جيڪڏهن بصري، ڪاسي، سنجهه ۽ جهل نظر اچن ته هٿ ذريعي ڪيدي ڇڏجن.

**برسيم جي ڪٽائي:** هن فصل جي پهرين ڪٽائي يا پهريون لاپ هڪ مهيني جي اندر وٺڻ گهرجي ۽ سلسلي وار ڪٽائي ٻن يا ٽن هفتن بعد ڪندو رهجي جڏهن ته آخري ڪٽائي بعد هن فصل کي سائي ياڻ لاءِ ڪم آڻي سگهجي ٿو.

**پيداوار:** هن فصل مان 800 کان 1000 مڻ سائو چارو ملي ٿو. جڏهن ته ٻج لاءِ پوکيل برسيم مان 8 کان 10 مڻ في ايڪڙ ٻج ملي ٿو.

## Cultivation of Egyption clover

# لوسڻ جي پوک

**زمين:** هن فصل جي پوکيءَ لاءِ زرخيز لٽياسي زمين ڪان هلڪي زرخيز زمين جي چونڊ ڪيو. جنهن ۾ پاڻيءَ جي نيڪال بهتر هجي. لوسڻ جون پاڙون تمام هيٺ زمين ۾ وڃن ٿيون. ان ڪري لوسڻ ۾ سوڪهڙي برداشت ڪرڻ جي صلاحيت آهي. جڏهن ته دوباري ،ٻوسي يا خشڪ علائقن ۾ هلڪي ڪلر وارين زمينن ۾ به لوسڻ ڪاميابيءَ سان پوکي سگهجي ٿو.

**زمين جي تياري:** لوسڻ دائمي قسم جو فصل آهي. جيڪو بهتر حالتن سبب زمين تي 6 کان 7 سالن تائين موجود رهي ٿو. ان ڪري لوسڻ جي پوک لاءِ زمين جي تياري بهتر نموني ڪرڻ گهرجي. زمين کي 3 کان 4 اونها هر ڏئي، پتر پيچي ان کي هموار ڪجي. گندگاهه جي ٻوٽن کي فصل پوکڻ کان اڳ ختم ڪيو وڃي.

**پوکيءَ جو وقت ۽ طريقو:** لوسڻ جو فصل 15 سيپٽمبر کان 15 نومبر تائين پوکي سگهجي ٿو. پر آڪٽوبر جو مهينو سڀ کان بهتر آهي. هي فصل ناڙيءَ ذريعي پوکڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته قطارن ۾ پوکيل فصل سائي گاهه ۽ ٻج جي پيداوار وڌيڪ ڏئي ٿو. ٻج ناڙي ڪرڻ وقت اهو خيال ڪجي ته جيئن ٻج ڏيڍ انچ کان وڌيڪ هيٺ نه وڃي. لوسڻ ڪرين تي به پوکيو وڃي ٿو. جنهن ۾ ٻن ڪرين جي وچ ۾ مفاصلو ڏيڍ کان ٻه فٽ هجڻ گهرجي. جڏهن ته لوسڻ جو فصل آلي زمين ۾ ڇٽ ذريعي پوکي سگهجي ٿو .

**ٻج جو مقدار:** لوسڻ جي ناڙي ذريعي پوک لاءِ 5 کان 6 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪجي. جڏهن ته ڇٽ ڪيڙ يا گهڙٻيءَ واري پوک لاءِ 8 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪيو وڃي .

**ياڻ ڏيڻ:** لوسڻ جي فصل مان وڌيڪ پيداوار وٺڻ لاءِ وٿاڻ جو ڳريل سڙيل ياڻ ڏيڻ ضروري آهي. جڏهن ته فصل پوکڻ وقت اڌ ٻوري ڊي اي پي يا هڪ ٻوري نائٽروفاس استعمال ڪجي.

**پاڻي ڏيڻ:** ناڙيءَ ۽ ڇٽ ڪيڙ واري پوک کي پهرين پاڻي جي ضرورت گهٽ ڪري 21 ڏينهن تي پوي ٿي پر زمين جي حالت ۽ آبهوا کي نظر ۾ رکندي ضرورت مطابق پاڻي ڏجي. جڏهن ته ڪُر يا گهڙٻي پوک کي 2 کان 3 پاڻي تڪڙا ڏيڻ گهرجن. باقي پاڻي اونهاري ۾ 10 کان 15 ڏينهن ۽ سياري ۾ 15 کان 20 هين ڏينهن ڏيڻ گهرجي.

**گندگاهه:** لوسڻ جي پوکي واري زمين ۾ جيڪڏهن گندگاهه ٿيندڙ هجي ته ان گندگاهه جي قسم مطابق پوکي کان اڳ گاهه مار زهر جو استعمال ڪجي..

**لوسڻ جي ٻج جي تياري:** لوسڻ جي ٻج جي تياري جي لاءِ بهتر موسم بهار آهي. جنهن ۾ فيبروري واري مهيني ۾ ڪٽائي بند ڪجي. لوسڻ جو ٻج اپريل مهيني ۾ پچي لاباري لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. عام طور فصل مان 5 کان 6 لوپ وٺي سگهجن ٿا.

**پيداوار:** عام حالتن ۾ لوسڻ مان 400 کان 500 مڻ في ايڪڙ سائو گاهه وٺي سگهجي ٿو. جڏهن ته ٻج لاءِ پوکيل فصل مان بهتر حالتن ۾ 4 کان 8 مڻ في ايڪڙ ٻج يا 160 کان 320 ڪلوگرام ٻج في ايڪڙ وٺي سگهجي ٿو.

Organic Farming

# نامياتي پوک

تحرير:
گل صغريٰ سومرو

نامياتي زراعت هاريءَ لاءِ وڏيڪ سازگار ثابت ٿي سگهي ٿي. ڪيميائي ڀاڻ ۽ جراثيم مار دوا جي استعمال ڪانسواءِ فصلن جي پيداوار ڪي نامياتي فارمنگ چئبو آهي. هن پوکيءَ جي طريقي ۾ قدرتي طور تي موجود هر شيءِ کي استعمال ڪري سگهجي ٿو. مثال طور (سائو ڀاڻ، فارم يارڊ مينور، بايو فرٽيلائزرس، فصلن جي وار ڦير، ورمي ڪمپوسٽ) جيڪڏهن اسان نامياتي زراعت کي سائنسي بنيادن تي استعمال ڪريون ته اسان هن طريقي سان سٺي پيداوار حاصل ڪري سگهون ٿا. نامياتي زراعت مٽي جي جسماني، ڪيميائي ۽ حياتياتي خاصيت کي بهتر بڻائي ٿي. ڪيميائي ڀاڻن جي ڍڳهي استعمال سبب اسان جي زمين جي صحت خراب ٿي وئي آهي. ڪيميائي پيسٽيسائيڊ جي استعمال سان ڪيترن ئي فائدي وارن بيڪٽريا کي نقصان پهچي ٿو ٻئي طرف انسانن ۽ ماحول تي پڻ نقصانڪار اثر پون ٿا. انهن سڀني عنصرن کي نظر ۾ رکندي نامياتي زراعت فائديمند آهي.

1. **فصلن جي وار ڦير:**

جنهن زمين تي هر سال يا هر موسم ۾ مختلف فصل پوکيا وڃن ٿا. بجاءِ ان جي جو ساڳي فصل هر ڀيري ساڳئي زمين تي پوکي وڃي.

مثال: جيڪڏهن هڪ سال ڪڻڪ پوکي وڃي ته ايندڙ سال ان جي جاءِ تي ڪپهه، مٽر يا ڪڻڪ بدران ٻيو فصل پوکڻ گهرجي. ان سان ڇا ٿيندو فصل بيمارين ۽ آفتن کان بچن ٿا. نائٽروجن مقرر ڪندڙ فصلون جهڙوڪ: مٽر، ڇٽا پوکڻ سان زمين نائٽروجن سان مالا مال ٿئي ٿي. زمين جي زرخيزي برقرار هي ٿي.

2. **ڪمپوسٽ:**

وڻن جو ڀاڻ ۽ فصلن بچتو حصا جهڙوڪ: ڪيلي ۽ ڪمند جا پن، ٻُهه، پلال، سارين جا ٽوٽڙ ۽ ڪڪڙن جو ڀاڻ وغيره جيڪي زمين اندر نامياتي مادي کي وڌائڻ لاءِ زمين ۾ وڌا وڃن ٿا. ڇو ته زمين اندر نامياتي مادي جي کوٽ آهي.

**ڪمپوسٽ جا قسم يا نمونا:**

اسان واري زميني حالتن ۾ وڻن جي ڀاڻ جو هئڻ ضروري آهي. ڇو ته وڻن جي ڀاڻ اندر سمورا خوراڪي جزا موجود آهن. وڻن جو ڀاڻ سموري سنڌ جي هر ڳوٺ ۾ موجود هوندو آهي.

فصلن، ميون ۽ ڀاڄين لاءِ ڪمپوسٽ جي وڏيڪ ضرورت پوي ٿي. ان ڪري علائقي جي لحاظ کان ڪمپوسٽ تيار ڪري سگهجي ٿو. جيئن ته ڏکڻ ۽ وچولي سنڌ اندر ڪيلي جو فصل عام جام آهي ۽ ڪيلي جي ٿڙن اندر پوٽاش جو مقدار وڏيڪ آهي. ٻيو شهرن ۾ ڪڪرن جو ڀاڻ موجود آهي. انهن اندر فاسفورس جو مقدار وڏيڪ آهي. جڏهن ته وڻن جي ڀاڻ اندر، نائٽروجن وڏيڪ آهي. جڏهن ته وڻن جي ڀاڻ اندر نائٽروجن وڏيڪ آهي. جيڪو ٻوٽن کي تڪڙي واڌ ڏي ٿو.

ڪمپوسٽ ناهڻ جي ترتيب ڪجهه هن طرح ڪري سگهجي ٿي.

1. وڻن جو ڀاڻ + ڪيلي جي باقيات.
2. وڻن جو ڀاڻ + ڪڪڙين جو ڀاڻ
3. وڻن جو ڀاڻ + پلال يا ٽوٽڙ
4. وڻن جو ڀاڻ + ٻهه (پراٽو).
5. وڻن جو ڀاڻ+ ڪمند جا پن.

جڏهن ته ٻاهرين ملڪن ۾ وڻن جا پن گڏ ڪري انهن مان

بہ ڪمپوسٽ تيار ڪجي ٿو.

## ڪمپوسٽ ڪيئن تيار ڪجي:

پلاسٽڪ جي ڪاري شيٽ جيڪا هر شهر ۾ پلاسٽڪ جي دوڪان تان وٺي سگهجي ٿي ۽ پراڻو ڪارو ڳڙ جيڪو مارڪيٽ مان ملي ويندو. 20 گاڏا وڻاڻ جي پاڻ جا ۽ 20 گاڏا فصل يج باقيات (ڪتر ڪيل ڪنهن اهڙي جاءِ تي گڏ ڪجي. جيتي سياري ۾ مڪمل روشني ۽ اونهاري ۾ اڌ چانوري ۾ زمين ڪجھ لهنواري هجي تہ جيئن بارش هئڻ جي صورت ۾ پاڻي نہ بيهي سگهي.

هاڻ پهريون تهہ وڻاڻ جي پاڻ جو هڪ فوٽ اوچو پلاٽ تي ناهيو. ان مٿان باقيات جو تهہ هڪ فوٽ جو ناهيو ۽ ان مٿان اڳواٽ تيار ڪيل ڪاري ڳڙ جو شربت جو چوٿون حصو ڇنڪار ڪجي. ساڳئي نموني سان ٻيو، ٽيون ۽ چوٿون تهہ ساڳي ترتيب سان ڏئي ڪري ڪاري ڳڙ ڪي ڇنڪاري ان ڍڳ مٿان ڪري پلاسٽڪ ڏئي ڍڪيو وڃي. چارئي پاسا بند ڪيا وڃن. ٻن هفتن ڪان پوءِ ڪمپوسٽ جي اٿل پٿل جي تياري ڪجي. پوءِ ٻهرين پاسن ڪان پلاسٽڪ مٽي ڪري اندر هٿ وجهي ڪمپوسٽ ٻاهر ڪڍي ڏسي تہ اهو ڳري ٿويا نہ پوءِ ان ڪي سگهيو وڃي بدبو هجي تہ پلاسٽ هٽائي ڇڏجي تہ جيئن هوا ڪائي اگر مني پنن جي خوشبو اچي تہ پوءِ پلاسٽ لاهي انهي ڪي اٿل ڏجي تہ جيئن ڪمپوسٽ جو هڪ تهہ ٺهي وڃي. جڏهن ڏسو ڪمپوسٽ ناسي رنگ جو ٿي ويو آهي ۽ هٿ ۾ ڪٽي زور ڏيڻ سان ڀُري پيو تہ سمجھو ڪمپوسٽ تيار آهي. جنهن ڪي پلاسٽ جي ڪٿن ۾ ڀري رکو ۽ گهرج پوڻ تي استعمال ڪريو.

## ڪمپوسٽ ڪٿي ڪٿي استعمال ڪجي:

1. ڪونڊين ۾ گل لڳائڻا آهن تہ.
2. ڀاڄين جي نرسري تيار ڪرڻ.
3. وڻن جي نرسري لاءِ.
4. گهر اندر ٻاريون ناهي موسم آهر ڀاڄيون تيار ڪرڻ.
5. ڀاڄين واري فصل ۾ هر مهيني ڪمپوسٽ ڏجي.
6. ميوي وارن باغن جي شروعات واڌ دوران هر ٻوٽي جي چوڌاري ڪمپوسٽ ڏجي.

## سائو ڀاڻ:

زمين کي سائو ڀاڻ ڏيڻ لاءِ سايون فصلون پوکيون وڃن. پوءِ انهن کي مٽي ۾ ملائن. هي طريقو زمين جي زرخيز قوت وڌائڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي.

## فائدا:

- زمين ۾ نائٽروجن وڌائڻ.
- نامياتي مادو وڌائڻ.
- زمين کي نرم ۽ زرخيز ڪرڻ ڏ.
- پاڻي رکڻ جي صلاحيت وڌائڻ.
- مٽي مان لوڻ ۽ ٻيا زهريلا مادا گهٽائڻ.

## عام فصل جيڪي سائي ڀاڻ لاءِ استعمال ٿين ٿا:

جنتر، گوار، چٽا، لوسڻ ۽ سڻي.

## نامياتي زراعت جا چئلينج:

1. شروع ۾ نامياتي زراعت سان فصلن جي پيداوار روايتي زراعت جي ڀيٽ ۾ گهٽ ٿيندي آهي.
2. گوبر، ڪمپوسٽ، سائي ڀاڻ جهڙيون نامياتي شيون وڏي مقدار ۾ حاصل ڪرڻ مشڪل ٿيندو آهي.
3. نامياتي شين لاءِ خاص مارڪيٽون گهٽ اهن. وڪرو ڪرڻ ۾ مسئلا ٿيندا.
4. نامياتي زراعت ۾ ڀاڻ ناهڻ، زمين سنڀالڻ ۽ جيتن تي ضابطو آڻڻ لاءِ وڌيڪ وقت ۽ محنت گهرجي.
5. ڪيترن ڳوٺاڻن علائقن ۾ ماڻهن کي نامياتي شين جي اهميت ۽ فائدن جي ڄاڻ گهٽ هوندي آهي.

## نامياتي زراعت جا فائدا:

1. نامياتي فصلن ۾ ڪيميائي ڀاڻ ۽ زهر استعمال نہ ٿيندا آهن تنهنڪري اهي صحت لاءِ محفوظ هوندا آهن.
2. گوبر، ڪمپوسٽ ۽ سائي ڀاڻ سان مٽيءَ ۾ نامياتي مادو ۽ نائٽروجن وڌي ٿي.
3. نامياتي زراعت سان ماحولياتي توازن برقرار رهي ٿو.
4. ڀاڻ ۽ جراثيم ڪش دوائن لاءِ وڌيڪ پئسا نہ لڳندا اهن.
5. مٽي جي صحت بهتر رهڻ سبب زمين گهڻن سالن تائين زرخيز رهي ٿي.
6. نامياتي شين جي گهرج وڌي رهي آهي. ان ڪي مارڪيٽ ۾ وڌيڪ قيمت ملي ٿي..

# ٽماٽي جي فصل تي حملو ڪندڙ مختلف بيماريون

ڊاڪٽر بينا خانزادا سنڌ ايگريڪلچر ريسرچ سينٽر ٽنڊوڄام ۽ آڪاش پنهور سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام

ٽماٽي جي فصل تي مختلف موسمي حالتن ۽ ماحول جي لحاظ کان ڪيترين ئي بيماريون حملو ڪري سگهن ٿيون. انهن بيمارين جو ذڪر هيٺ ڏيجي ٿو.

1. **(Brown Spot):**

**بيماري جون علامتون:** پنن تي ڀوري رنگ جا داغ ۽ سونهري رنگ نهن ٿا.

**سبب:** فنگس يا بيڪٽيريا جي ڪري.

**موسم:** هي بيماري عام طور تي گرم ۽ گهميل موسم ۾ وڌيڪ ٿيندي آهي، خاص طور تي چوماسي جي موسم (جون کان سيپٽمبر تائين).

2. **(Powdery Mildew):**

**بيماري جون علامتون:** پنن تي اڇا يا ناسي پائوڊر جهڙا داغ نظر اچن ٿا.

**سبب:** هڪ قسم جي فنگس جيڪا ٻوٽي جي فائبر تي حملو ڪري ٿي.

**موسم:** خشڪ ۽ گرم موسم ۾ عام، جهڙوڪ (اپريل کان سيپٽمبر تائين).

3. Early Blight:

**بيماري جون علامتون:** پنن تي ڪارا داغ ۽ ٿڙ جا نشان.

**سبب:** فنگس (Alternaria solani) جي ڪري

**موسم:** هي بيماري عام طور تي خشڪ يا گهٽ برسات واري موسم ۾ پکڙجي ٿي، خاص ڪري بهار ۾ (مارچ کان مئي تائين).

4. Late Blight

**بيماري جون علامتون:** پنن ۽ ٽماٽن تي ڪارا داغ ٿين ٿا.

**سبب:** فنگس (Phytophthora infestans) جي ڪري.

**موسم:** وڌيڪ گهم وارن علائقن ۾، خاص طور تي چوماسي ۽ سياري ۾ (جولاءِ کان آڪٽوبر تائين).

5. (Tomato Mosaic Virus)

**بيماري جون علامتون:** پنن تي ڦڪي رنگ جا يا هلڪا سائي رنگ جا داغ ۽ موڙ.

**سبب:** وائرس جي موجودگي.

**موسم:** هي بيماري سياري ۽ بهار ۾ وڌيڪ ٿيندي آهي.

6. Root Knot Nematode

**بيماري جون علامتون:** ٻوٽن جي پاڙن تي نوڊول نهن ٿا. جنهن ڪري ٻوٽي جي واڌ ويجهه بند ٿي ويندي آهي.

**سبب:** مٽيءَ ۾ نيماٽوڊس (ڪيڙا).

**موسم:** هي بيماري سڄي سال ۾ پکڙجي سگهي ٿي، پر گرم موسم ۾ سڀ کان وڌيڪ سرگرم آهي.

7. Bacterial Wilt:

**بيماري جون علامتون:** پاڙن جو سڙڻ ۽ پنن جو مرڻ.

**سبب:** بيڪٽيريا جي وجه سان.

**موسم:** گرم ۽ خشڪ موسم (جولاءِ کان سيپٽمبر تائين).

8. Fusarium Wilt:

**بيماري جون علامتون:** ٻوٽي جي پنن جو رنگ ڦيڪو ٿيڻ ۽ وڻ جو سڙڻ

**سبب:** فنگس جي ڪري.

**موسم:** گرمي ۽ گهم جو پاڻ ۾ گڏجڻ هن بيماري جي پکيڙ جو سبب بڻجي سگهي ٿو.

9. Powdery Mildew:

بيماري جون علامتون: پنن ۽ پاڙن تي اڇا داغ.

**سبب:** فنگس جي ڪري.

**موسم:** وڌيڪ گهم ۽ گرم موسم (جون کان سيپٽمبر تائين).

10. (Downy Mildew):

**بيماري جون علامتون:** پنن جي هيٺين پاسي هلڪا ڦڪا داغ ۽ بعد ۾ ڪارا داغ ٿين ٿا.

**سبب:** فنگس جي ڪري.

**موسم:** برسات جي موسم ۾ وڌيڪ گهم ۽ ٿڌ جي ڪري

## احتياطي اپاءَ:

**پاڻي جو انتظام:** ٽماٽن جي ٻوٽن کي وڌيڪ پاڻي نه ڏيو ڇاڪاڻ ته وڌيڪ پاڻي بيمارين جو سبب بڻجي سگهي ٿو.

**مٽي جي صفائي:** مٽي صاف ڪريو گڏ ڪيو ۽ بيمار ٻوٽن کي فوري طور تي هٽائي ڪري ختم ڪريو.

انهن بيمارين جو خطرو موسم جي لحاظ کان وڌي ٿو يا گهٽجي ٿو تنهن ڪري بهتر آهي ته مقامي زرعي ماهرن سان صلاح مشورو ڪريو ۽ موسم جي مطابق مناسب اپاءَ وٺو.

# سنڌ فارمرز ايگريڪلچرل ڪليڪٽوز ايڪٽ 2026ع جو مسودو

فرحين اُڄڻ، انفارميشن آفيسر، ڊائريڪٽوريٽ زرعي اطلاعات، زرعي توسيع سنڌ حيدرآباد

سنڌ جي زرعي شعبي ۾ ننڍن آبادگارن کي گڏيل طور منظم ڪري، ڪين جديد زرعي سهولتن، وسيلن، مالي خدمتن ۽ مارڪيٽن تائين بهتر رسائي فراهم ڪرڻ لاءِ "سنڌ فارمرز ايگريڪلچرل ڪليڪٽوز ايڪٽ 2026ع" هڪ اهم قدم آهي. هن قانون جو بنيادي تصور اهو آهي ته ننڍا آبادگار گڏجي پنهنجا وسيلا، زمين، زرعي مشينري ۽ ٻيون سهولتون استعمال ڪري زرعي پيداوار ۾ واڌ، خرچن ۾ گهٽتائي ۽ پنهنجي پيداوار جي بهتر مارڪيٽنگ کي يقيني بڻائي سگهن.

سنڌ ڪابينا، وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ، زراعت، خوراڪ جي تحفظ ۽ ٻهراڙي جي ترقي تي ڌيان ڏيندڙ اهم پاليسي اجلاس ۾ "سنڌ فارمرز ايگريڪلچرل ڪليڪٽوز ايڪٽ 2026ع" جي منظوري ڏني. تجويز ڪيل قانون ننڍن آبادگارن، مالوندن ۽ مڇي پاليندڙن کي گڏيل تنظيم جي صورت ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو جنهن تحت اهي زمين، وسيلن ۽ زرعي مشينري کي گڏيل طور استعمال ڪري، مالي وسيلن ۽ ٽيڪنالاجي تائين رسائي بهتر بڻائي ۽ سڌي طرح اعليٰ قدر واري مارڪيٽن سان ڳنڍيجي سگهن.

هي بل آبادگار تنظيمن، سنڌ چيمبر آف ايگريڪلچر، سنڌ آبادگار بورڊ ۽ اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان سان وسيع صلاح مشورن کان پوءِ تيار ڪيو ويو آهي، جيڪو گڏيل زراعت ۽ زرعي ڪاروبار لاءِ هڪ جامع قانوني فريم ورڪ قائم ڪري ٿو.

هي قانون هڪ کان 25 ايڪڙ تائين زمين رکندڙ يا آباد ڪندڙ آبادگارن کي ننڍا آبادگار قرار ڏئي ٿو ۽ گڏيل تنظيمن جو تصور مالداري ۽ اندرين پاڻي جي مڇيگيري تائين پڻ وڌائي ٿو. قانون "هڪ ميمبر، هڪ ووٽ" جي اصول تي ٻڌل جمهوري انتظامي ڍانچو متعارف ڪرائي ٿو عورتن ۽ خواجا سرائن جي نمائندگي کي لازمي بڻائي ٿو منافعي جي ورڇ لاءِ شفاف طريقيڪار قائم ڪري ٿو ۽ ڪاربن ڪريڊٽ ۽ ماحولياتي خدمتن جي مارڪيٽن ۾ شرڪت جا موقعا فراهم ڪري ٿو.

### مقصد:

نئين قانون جو مقصد ننڍن آبادگارن کي گڏيل وسيلن، جديد زرعي سهولتن، بهتر مارڪيٽنگ ۽ سرڪاري اسڪيمن تائين رسائي فراهم ڪري زرعي شعبي کي مضبوط بڻائڻ آهي.

### اهم خاصيتون:

تجويز ڪيل قانون تحت گهٽ ۾ گهٽ اٺ آبادگار، جيڪي گڏيل طور 50 ايڪڙ زرعي زمين جا مالڪ هجن، هڪ "ايگريڪلچرل ڪليڪٽو" قائم ڪرڻ جي اهل هوندا. هي هڪ اهڙو پيداواري ماڊل هوندو جنهن تحت ڪيترائي آبادگار پنهنجي زمينن کي گڏيل طور تي هلائيندا. دريائي (ڪچي) ۽ برساتي علائقن لاءِ اها حد 70 ايڪڙ هوندي.

تجويز ڪيل قانون موجب هڪ کان 25 ايڪڙ تائين زمين رکندڙ آبادگار ننڍا آبادگار تصور ڪيا ويندا. ڪنهن به مخصوص واٽر ڪورس تي ٻن کان وڌيڪ فارمرز ڪليڪٽوز قائم نه ڪيا ويندا، جڏهن ته آبادگار پاڙيسري واٽر ڪورس تي قائم فارمرز ڪليڪٽوز ۾ پڻ شامل ٿي سگهندا. جتي ڪچي، ڪوهستاني، نيم خشڪ ۽ خشڪ علائقي ۾ واٽر ڪورس موجود نه هجي، اتي آبادگار هن ايڪٽ تحت ايگريڪلچرل ڪليڪٽو قائم ۽ رجسٽر ڪرائي سگهندا.

### ڪم ۽ ذميواريون:

زرعي ڪليڪٽوز جو بنيادي مقصد ميمبرن وچ ۾ گڏيل زراعت، سهڪار، هم آهنگي، وسيلن جي حصيداري ۽ ڪميونٽي جي بنياد تي زرعي ترقي کي هٿي ڏيڻ آهي.

ان سان گڏ جديد، سائنسي، موسمياتي تبديلي سان هم آهنگ ۽ ماحولياتي طور پائيدار زرعي طريقن ذريعي زرعي پيداوار، ڪارڪردگي، منافعي، پائيداري ۽ ويليو ايڊيشن کي بهتر بڻائڻ پڻ انهن جي اهم ذميوارين ۾ شامل آهي.

زرعي ڪليڪٽوز زرعي ويليو چين جي سرگرمين، جن ۾ پيداوار، گڏ ڪرڻ، اسٽوريج، گريڊنگ، پروسيسنگ، پيڪنگ، ٽرانسپورٽيشن، مارڪيٽنگ، برانڊنگ، برآمد، ورڇ ۽ زرعي ۽ لاڳاپيل شين جي وڪري شامل آهن، کي انجام ڏيڻ، سهولت فراهم ڪرڻ، مدد ڪرڻ يا هم آهنگ ڪرڻ لاءِ پڻ ڪم ڪندا.

ميمبرن کي سرڪاري اسڪيمن، مراعات، سبسڊين،

گرانٽس، فني مدد، مالي خدمتن، انشورنس جي سهولتن، ڊونر جي مدد سان هلندڙ پروگرامن، تربيت ۽ ٻين سرڪاري يا خانگي شعبي جي مددگار نظامن تائين رسائي فراهم ڪرڻ پڻ زرعي ڪليڪٽوز جي ذميوارين ۾ شامل آهي.

زرعي مشينري، اوزارن، سار سنڀال ۽ تحفظ، گاڏين، آبپاشي نظامن، انفراسٽرڪچر، ٽيڪنالاجي، قابلِ تجديد توانائي جي نظامن، اسٽوريج جي سهولتن ۽ ٻين گڏيل اثاثن جي گڏيل خريداري، ليز تي حاصل ڪرڻ، حصيداري، آپريشن، سار سنڀال ۽ تحفظ لاءِ سهولت فراهم ڪرڻ پڻ انهن جي ذميواري هوندي.

ساڳئي طرح زمين، پاڻي، زيرِ زمين پاڻي، چراگاهن، حياتياتي تنوع ۽ قدرتي وسيلن جي موثر استعمال، تحفظ ۽ انتظام کي هٿي ڏيڻ لاءِ پڻ ڪم ڪيو ويندو.

مالداري، ڊيري، پولٽري، مڇيگيري، آبي زراعت، زرعي ٻيلن، سماجي ٻيلن، فارم فاريسٽري، وڻڪاري، چاري جي ترقي، ويليو ايڊيشن، پروسيسنگ، تحفظ، پيڪنگ، برانڊنگ ۽ ٻين لاڳاپيل زرعي شعبن ۾ سرگرمين سان لاڳاپيل سرگرميون انجام ڏيڻ پڻ زرعي ڪليڪٽوز جي ڪم جو حصو هوندو.

موسمياتي تبديلي سان مطابقت، تدارڪ، ڪاربن ۾ گهٽتائي، ماحولياتي پائيداري، قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت، پاڻي جي تحفظ، قابلِ تجديد توانائي جي استعمال، مٽي جي تحفظ ۽ پائيدار زرعي طريقن کي هٿي ڏيڻ پڻ قانون ۾ شامل اهم ذميوارين مان آهي.

تحقيق، جدت، ڊجيٽلائيزيشن، ميڪانائيزيشن، ٽيڪنالاجي جي منتقلي، زرعي توسيعي خدمتن، ڊيٽا گڏ ڪرڻ، تربيت، آگاهي ۽ ميمبرن ۽ زرعي برادرين جي صلاحيت وڌائڻ لاءِ سهولت فراهم ڪرڻ پڻ زرعي ڪليڪٽوز جي ذميوارين ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

ننڍن آبادگارن، عورتن، نوجوانن، هارين، ٻنائي دارن، پسمانده گروهن، موسمياتي تبديلي کان متاثر برادرين ۽ ماڻهن جي شموليت ۽ حصيداري کي هٿي ڏيڻ سان گڏ مقامي، قومي ۽ بين الاقوامي مارڪيٽن، اي ڪامرس پليٽ فارمن، سرٽيفڪيشن سسٽمن، معيارن ۽ زرعي ۽ لاڳاپيل شين سان لاڳاپيل سيڙپڪاري جي موقعن تائين رسائي فراهم ڪرڻ پڻ قانون جو حصو آهي.

زرعي ڪليڪٽو جي شفافيت، احتساب، مالي نظم، اندروني حڪمراني، جمهوري شموليت، رڪارڊ جي انتظام ۽ قانوني انتظام کي برقرار رکڻ تي پڻ زور ڏنو ويو آهي.

گڏيل اثاثن ۽ حڪومت يا ڊونر جي مدد سان فراهم ڪيل اثاثن جي حفاظت، تحفظ، سار سنڀال ۽ غلط استعمال يا ذاتي قبضي کي روڪڻ پڻ زرعي ڪليڪٽوز جي ذميوارين ۾ شامل آهي.

قانوني گڏيل آمدني پيدا ڪرڻ ۽ هن ايڪٽ جي مقصدن سان مطابقت رکندڙ قانوني تجارتي، ترقياتي يا آمدني پيدا ڪندڙ سرگرميون انجام ڏيڻ لاءِ پڻ زرعي ڪليڪٽوز ڪم ڪندا.

ان سان گڏ ٽيڪس، مالي انتظام، مزدورن، ماحولياتي تحفظ، حفاظتي معيارن ۽ ريگيوليٽري گهرجن سان لاڳاپيل سڀني لاڳو قانونن تي عمل ڪرڻ لازمي هوندو.

هن ايڪٽ جي مقصدن کي پورو ڪرڻ لاءِ ضروري ٻيا ڪم، سرگرميون يا ذميواريون انجام ڏيڻ يا جيڪي وقت بوقت حڪومت يا سنڌ ايگريڪلچرل ڪليڪٽو ريگيوليٽري ڪميشن طرفان مقرر ڪيون وڃن، اهي پڻ زرعي ڪليڪٽوز جي ذميوارين ۾ شامل هوندا.

## ٻيون خاصيتون:

قانون "سنڌ ايگريڪلچرل ڪليڪٽوز ريگيوليٽري ڪميشن" قائم ڪندو، جيڪا 'ڪليڪٽوز' جي رجسٽريشن، نگراني ۽ ضابطي جي ذميوار هوندي.

هر 'ڪليڪٽو' ۾ هڪ جنرل باڊي ۽ هڪ چونڊيل انتظامي ڪميٽي هوندي، جڏهن ته سڀئي ميمبر ووٽ ڏيڻ جي حق، معلومات تائين رسائي ۽ ٻين قانوني حقن مان فائدو حاصل ڪندا.

تجويز ڪيل ريگيوليٽري اٿارٽي ضلعي سطح تي زرعي ڪليڪٽوز جي موثر قيام، رجسٽريشن ۽ نگراني کي يقيني بڻائيندي، جنهن سان آبادگار پاڻ کي منظم ڪري پنهنجي زرعي سرگرمين کي وڌائي سگهندا.

## نتيجو:

سنڌ فارمرز ايگريڪلچرل ڪليڪٽوز ايڪٽ 2026ع سنڌ جي ننڍن آبادگارن کي گڏيل طور منظم ڪرڻ ۽ کين زرعي شعبي ۾ وڌيڪ موثر، بااختيار ۽ منظم ڪردار ادا ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ طرف هڪ اهم قدم آهي. هن قانون ذريعي آبادگارن کي گڏيل وسيلن، جديد ٽيڪنالاجي، مالي خدمتن، سرڪاري اسڪيمن، زرعي مشينري ۽ بهتر مارڪيٽن تائين رسائي فراهم ڪرڻ سان گڏ گڏيل زراعت ۽ پائيدار زرعي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ جا رستا هموار ٿيندا. جيڪڏهن هن قانون تي موثر نموني عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي ته زرعي ڪليڪٽوز ننڍن آبادگارن جي پيداوار، آمدني ۽ مارڪيٽ تائين رسائي بهتر بڻائڻ سان گڏ سنڌ جي زرعي معيشت کي وڌيڪ مضبوط ۽ پائيدار بڻائڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.

# سردار محمد بخش خان مهر وزيرِ زراعت حڪومت سنڌ جي زرعي توسيع سنڌ حيدرآباد دوري بابت رپورٽ

رپورٽ: محسن خان سهتو، انفارميشن آفيسر، زرعي اطلاعات، زرعي توسيع سنڌ حيدرآباد

سنڌ جي زرعي ترقي ۽ هارين جي خوشحالي: وزير زراعت سردار محمد بخش مهر جو حيدرآباد جو اهم دورو سنڌ جي معيشت ۾ زراعت کي ڪرنگهي جي هڏي واري حيثيت حاصل آهي، ۽ صوبي جي ترقيءَ جو دارومدار سڌو سنئون هارين ۽ آبادگارن جي خوشحاليءَ سان جڙيل آهي. ان سلسلي ۾، سنڌ جي صوبائي وزير زراعت سردار محمد بخش مهر حيدرآباد جو هڪ اهم دورو ڪيو. هن دوري دوران صوبي جي سمورن ضلعن مان آيل هارين ۽ آبادگارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جتي صوبائي وزير سندن مسئلا تفصيل سان ٻڌا ۽ موقعي تي ئي انهن جي حل لاءِ لاڳاپيل آفيسرن کي سخت هدايتون جاري ڪيون.ننڍن آبادگارن کي اڳتي آڻڻ جو تاريخي عزم اهم گڏجاڻي دوران وزير زراعت سردار محمد بخش مهر سنڌ حڪومت جي زرعي پاليسين کي واضح ڪندي هڪ انتهائي اهم ۽ انقلابي اعلان ڪيو. هن چيو ته "هاڻي وڏن زميندارن سان گڏوگڏ ننڍن آبادگارن کي به اڳتي آڻڻو پوندو."ماضيءَ ۾ اڪثر اهو ڏسڻ ۾ آيو آهي ته سرڪاري مراعات، ٻج ۽ ڀاڻ جو وڏو حصو بااثر ماڻهو کڻي ويندا آهن، جنهن ڪري اصل محنت ڪندڙ ننڍو هاري محروم رهجي ويندو آهي. وزير زراعت ان ڳالهه تي زور ڏنو ته حڪومت هاڻي ننڍن هارين کي بااختيار بڻائڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي. هن چيو ته ڪليڪٽوز ايڪٽ (Collectives Act) ذريعي ننڍن آبادگارن کي منظم ڪري سڌو سنئون فائدو پهچايو ويندو.پاڻي جي کوٽ ۽ جديد زرعي نظام جو قيام سنڌ جي زراعت کي درپيش چيلينجز تي ڳالهائيندي سردار محمد بخش مهر چيو ته پاڻي جي قلت هڪ وڏو مسئلو آهي، جنهن جو حل روايتي طريقن سان ممڪن ناهي. هن آفيسرن ۽ آبادگارن کي مخاطب ٿيندي چيو ته اسان کي گڏجي هڪ اهڙو جديد نظام جوڙڻو پوندو جنهن سان:پاڻي جي وڏ ڪان وڏ بچت ٿي سگهي.فصلن جي في ايڪڙ پيداوار ۾ نمايان سڌارو اچي.جعلي زرعي دوائن ۽ مافيا خلاف ڪريڪ ڊائون جي هدايتهارين جي معاشي استحصال تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي وزير زراعت واضع ڪيو ته "هارين جو حق ماريندڙن کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو." صوبي ۾ غير معياري ٻج، جعلي ڪاڏ ۽ نقصانڪار زرعي دوائن (Pesticides) جو ڪاروبار ڪندڙ مافيا هارين جي ٻيڙي ٻوڙڻ سان گڏ زمينن کي به بنجر بڻائي رهي آهي.ان مافيا جي مڪمل خاتمي لاءِ وزير زراعت آفيسرن کي ٻه ٽوڪ احڪامات جاري ڪيا:هڪ هفتي جي مهلت: لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي هڪ هفتي اندر تفصيلي رپورٽ پيش ڪن ته جعلي زرعي دوائون وڪرو ڪندڙن خلاف هينئر تائين ڪيتريون ڪارروايون ڪيون ويون آهن.اينٽي ڪرپشن حوالي ڪرڻ جي وارننگ: سردار محمد بخش مهر صاف لفظن ۾ چيو ته جيڪڏهن ڪاتي جي آفيسرن جعلي دوائون وڪڻندڙن خلاف سخت ايڪشن نه ڪنيو ته هو پاڻ انهن آفيسرن ۽ مافيا خلاف ڪارروائي لاءِ اينٽي ڪرپشن ڪاتي کي هدايت جاري ڪندو.غفلت ۽ دير برداشت نه ڪئي ويندي‌دوري دوران وزير زراعت هارين جي شڪايتن جي ازالي لاءِ انتظاميا کي سختي سان پابند ڪيو ته آبادگارن جي جائز مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو وڃي. هن چيو ته ڪم ۾ ڪنهن به قسم جي سستي، غفلت يا دير کي هرگز معاف نه ڪيو ويندو.حاصل ڪلامحيدرآباد ۾ صوبائي وزير زراعت سردار محمد بخش مهر جي اها گڏجاڻي ۽ سخت موقف سنڌ جي زراعت لاءِ هڪ مثبت سنئوڻ آهي. جيڪڏهن ننڍن هارين کي واقعي ترجيح ڏني وئي، پاڻي جو صحيح استعمال يقيني بڻايو ويو ۽ جعلي دوائن جي مافيا جو خاتمو ٿيو ته سنڌ جو هاري سائي پاويندڙ ٿيندو ۽ صوبي سان گڏ ملڪ جي معيشت به مضبوط ٿيندي. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته ڪاتي جا آفيسر انهن هدايتن تي ڪيتري تيزي سان عمل ڪن ٿا.

## جناب محمد زمان ناريجو, سيڪريٽري زراعت
## سپلاءِ ۽ پرائسز ڊپارٽمينٽ, حڪومت سنڌ جون مصروفيتون








